
آخوند
جا افسانا
[فليش فڪشن]
آخوند محمد عباس
امرتا

# آخوند جا افسانا

[فليش فِڪشن]

## آخوند محمد عباس

امرتا
پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ
2020ع

**ڊجيٽل ايڊيشن**
2023 ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**Amarta's Book No. 45**

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

**آخوند جا افسانا**
[فليش فِڪشن]
ليکڪ: آخوند محمد عباس
ايڊيٽنگ ۽ لَي آئوٽ: فقير محمد ڍول
ڪمپوزنگ: آخوند محمد عباس
ٽائيٽل: عرفان علي ميمڻ
ڇاپو پهريون: جنوري 2020ع
ڇپيندڙ: امرتا پبليڪيشنس، امرتا ڇاپ گهر،
1-باسم چيمبرس حيدر چوڪ حيدرآباد
amartachhapghar@gmail.com
ڇپرائيندڙ: ڍول فقير فائونڊيشن- سنڌ
قيمت: 150.00 روپيا

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
www.sindhsalamat.com
**2023ع**

**A'akh'und ja Afsana**
[Flash Fiction]
By: Akhund Muhammad Abbas

Edit & Lay Out: Faqir Muhammad Dhol
Title: Irfan Ali Memon
Composed by: Akhund Muhammad Abbas
First Edition January 2020
Printed by: Amarta Publications, Amarta Chhap Ghar,
1-Basim Chambers, Hyder Chowk Hyderabad.
Published by: Dhol Faqir Foundation, Sindh
Price: Rs.150.00

# ارپنا

آڱر ڪان وڏي
هلائڻ وارن
جي
نانءِ

- آخوند محمد عباس

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **آخوند محمد عباس** جو فليش فڪشن تي مشتمل ڪتاب **”آخوند عباس جا افسانا“** اوهان اڳيان پيش آهي.

هن ڪتاب جو سرجڻهار اسان جي تاريخي حيثيت جي حامل شهر هالن جو سهڻو سيبتو نوجوان ’آخوند محمد عباس‘ آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ هن صنف جو حق ادا ڪرڻ ۾ ڪا ڪَسَرَ ڪونہ ڇڏي آهي ۽ مختصر عرصي ۾ هُن ’فليش فڪشن‘ جي ميدان ۾ پاڻ کي مڃرايو آهي ۽ سڀني ناماچاري پڻ ماڻي آهي. آخوند جي افسانن جو محور اسان جو پنهنجو سماج ئي آهي. سندس مختصر افسانا سماج ۾ موجود اهڙين منافقتن، رياڪارين، بغضن، دوکن، بدعنوانين ۽ دولابن کي پيش ڪن ٿا، جيڪي هاڻ اسان جي سماج جي رڳن ۾ سيرائجي، انهيءَ جو جينياتي حصو ٿي ويا آهن.جنهن ڳالهہ کي چوڻ ۾ ٻين کي هزارين لفظ کپندا آهن، تنهن ڳالهہ کي آخوند عباس ڪنهن ماهر مصور جيان پنهنجي قلم جي ڪجهہ اسٽروڪن سان چند لفظن ۾ ڪري وٺي ٿو.

هي ڪتاب 2020ع ۾ **امرتا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون امرتا پبليڪيشن جي سرواڻ فقير محمد ڍول جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## آخوند جا افسانا: آخوند محمد عباس

## سُونهن سناءُ


اداري پاران — فقير محمد ڏول — 9

ليکڪ جو تعارف — آخوند محمد عباس — 11

سنڌي فلئش ادب جو سُپر اسٽار — محمد حبيب سنائي — 13

آخوند عباس ۽ مختصر افسانن جو فن — منوج ڪمار — 17

آخوند کي خواب جي ساپيان مبارڪ هجي محمود مغل — 21


### ڪهاڻيون :


1. هڪڙي ڏينهن جي خوشي — 23
2. برفَ ٽُڪر — 23
3. سڄي رات جي محنت — 24
4. اڳيرائي — 24
5. آس — 25
6. احساس جي تصويرڪشي — 25
7. ٿڌو گرم — 26
8. امان ابو — 26
9. پيٽرول ۽ سي اين جي — 27
10. دوا — 27
11. نوڪرياڻي — 28
12. وقت جي ضرورت — 28
13. شناس — 29
14. ماءُ جو ڏينهن — 29
15. بي اونو — 30
16. خيرات — 30
17. اصلي چريو — 31
18. ڏيان — 31
19. روايت — 32
20. سزا — 32
21. ڪردار — 33
22. فارملٽي — 33
23. زماني کي سلام — 34
24. ساڳي ماني ساڳ سان — 35
25. احسان — 35
26. نَو مهينا — 36

| | | |
|---|---|---|
| 27. | قسمت | 36 |
| 28. | ساڳي عورت | 37 |
| 29. | جنريشن گئپ | 38 |
| 30. | سارَ | 38 |
| 31. | فنڪار | 39 |
| 32. | سنهڙيون | 39 |
| 33. | ڪپڙي جو ٽُڪر | 40 |
| 34. | ساڳيو سوال | 40 |
| 35. | ملامتي سوال | 41 |
| 36. | تربيت | 41 |
| 37. | اڳ ۽ اڄ | 42 |
| 38. | ڏوراپو | 42 |
| 39. | تڪڙو قدم | 43 |
| 40. | ٽيسٽون | 43 |
| 41. | عيد مهر | 44 |
| 42. | حقيقت | 44 |
| 43. | ڏيءَ | 45 |
| 44. | زڪوات جا پئسا | 45 |
| 45. | هيپي هولي | 46 |
| 46. | حسرت | 46 |
| 47. | جُهڙالي موسم | 47 |
| 48. | پريل ٽرماس ۽ اُڄ | 47 |
| 49. | فيصلو | 48 |
| 50. | صلاح | 48 |
| 51. | احتجاج | 49 |
| 52. | خيرات | 49 |
| 53. | بهانا | 50 |
| 54. | زمانو ظهير آهي | 50 |
| 55. | ڏينهن رات برابر | 51 |
| 56. | آسرو | 51 |
| 57. | خير ٿيو | 52 |
| 58. | آڏرياءُ | 52 |
| 59. | ستن پُٽن ماءُ | 53 |
| 60. | نصيب | 53 |
| 61. | سمجهه | 54 |
| 62. | افواهه | 54 |

| | | |
|---|---|---|
| .63 | ڊپ | 55 |
| .64 | آڱوٺو ۽ نوڪري | 56 |
| .65 | سمجهاڻيون | 56 |
| .66 | ترڪِي ڪنهن جاءِ جا | 57 |
| .67 | ٽئڪس | 57 |
| .68 | ٻي شادي | 58 |
| .69 | تورَ | 58 |
| .70 | بندوبست | 59 |
| .71 | پوليو | 59 |
| .72 | ٻِٽِي حڪمتِ عملي | 60 |
| .73 | بريڪ | 60 |
| .74 | ماني وئي گهر | 61 |
| .75 | لاچاري | 61 |
| .76 | بس جو ڀاڙو | 62 |
| .77 | فون ڪال | 62 |
| .78 | ڪامينٽري | 63 |
| .79 | قياس | 63 |
| .80 | ضروري ڪم | 64 |
| .81 | خرچ | 64 |
| .82 | ڏکين ها جي ڏوليا.... | 65 |
| .83 | هاسٽل | 65 |
| .84 | چاچا خرچي | 66 |
| .85 | بابو ۽ خبر | 66 |
| .86 | شيئر | 67 |
| .87 | برداشت | 67 |
| .88 | وصيعت | 68 |
| .89 | ڏيج | 68 |
| .90 | سِڪيا | 69 |
| .91 | وِيچار | 69 |
| .92 | مُونجهه | 70 |
| .93 | ڏچو | 70 |
| .94 | ٻہ وِقلندڙ راتيون | 71 |
| .95 | مچ ڪچهري | 72 |

| | |
|---|---|
| نثري ٽُڪرا | 76 |

## فليش فڪشن جون ڇُھنڊڙيون

[اداري پاران]

’امرتا پبليڪيشنس ۽ ڇاپ گھر‘ پاران سنڌي ٻوليءَ ۾ فليش فڪشن (مختصر ڪھاڻيءَ) جو پھريون ڪتاب آھي، جنھن جو سرجڻھار اسان جي تاريخي حيثيت جي حامل شھر ھالن جو سھڻو سيبتو نوجوان ’آخوند محمد عباس‘ آھي، جنھن سنڌي ٻوليءَ ۾ ھن صنف جو حق ادا ڪرڻ ۾ ڪا ڪَسَرَ ڪونہ ڇڏي آھي ۽ مختصر عرصي ۾ ھُن ’فليش فڪشن‘ جي ميدان ۾ پاڻ ڪي ميجرايو آھي ۽ سڻي ناماچاري پڻ ماڻي آھي. ھن صنف بابت ڄاڻ لاءِ مختصر طور ايترو ئي ڪافي آھي، تہ فليش فڪشن دراصل اُھا لکڻي ھجي ٿي، جيڪا پنھنجي مختصر پيرائيي، ٿورڙن جملن ۽ لفظن جي گھٽ مجموعي ذريعي ھڪ ڀرپور ’ڇُھنڊڙي‘ ھڻڻ جي سگھہ رکندڙ ھجي، جيڪا سماج جي ڪارونھوار ۽ حالتن جي عڪاسي ڪندڙ ھجي.

آخوند محمد عباس پنھنجي ھن پھرئين مجموعي ۾ جن موضوعن کي فليش فڪشن جي ضمري ۾ آڻي، پنھنجي فني ڪرت سان اسان آڏو پيش ڪيو آھي، سي سماج جون سچيون حقيقتون آھن ۽ انھن لکڻين ۾ ھن ڪٿي ڪٿي تہ ڪي اھڙيون ’ڇھنڊڙيون‘ بہ ھڻي ڪڍيون آھن، جن کي اسان پنھنجي آس پاس ڏٺو بہ ضرور ھوندو، پر اسان ڪڏھن انھن تي سوچ جو زاويو ائين مخصوص نہ ڪيو ھوندو ۽ نہ ئي ائين ڪڏھن محسوس ڪيو ھوندو جيئن، جھڙي نموني ۾ جنھن ڪُنڊ کان آخوند عباس اسان کي اھي سماج جا ڇِٽا پِٽا عڪس پنھنجي ھنن فليش فڪشن لکڻين ۾ لکي پيش ڪري ڏيکاريا آھن.

سچي ڳالھہ تہ اِھا بہ آھي تہ ھيءُ ڪتاب ’امرتا پبليڪيشنس‘ جي پڙھندڙن تائين پھچائيندي، خوشيءَ سان گڏ اھا حقيقت بہ آھي تہ آخوند محمد عباس جو ھيءُ مجموعو پڌرو ڪري، ھن جي فن ۽ ذات کي ميٽا ڏيڻ

جي ڪوشش بہ آهي، جيڪا هن جو حق آهي تہ هُن مختصر پيرائيي جي هن نموني واري ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ پنهنجي ننڍڙي ڄمار ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي، جيڪو هر ڪنهن اُڀرندڙ ليکڪ جي وَس جي ڳالهہ ڪونهي. آخوند عباس ڪي پنهنجي موجوده قد ڪاٺ ۽ پنهنجي موجوده جاءِ ڪي نظر ۾ رکندي پوئتي مڙي نهارڻو ڪونهي، نہ ئي جنهن اوچائيءَ تي بيٺل آهي، اتان ڪان هيٺ لهڻو آهي بلڪ پنهنجو مَقام برقرار رکڻو آهي. هونئن بہ ڪابہ جاءِ، ڪوبہ مَقام يا ڪابہ منزل ماڻڻ وڏي ڳالهہ ڪونهي هوندي بلڪ وڏي ڳالهہ اُهو ماڻُ ماڻڻ کان پوءِ ان کي برقرار رکڻ هوندو آهي ۽ دراصل ڏکيو هوندو ئي اهو آهي، ڇاڪاڻ جو عروج جي پويان زوال ازل کان پيَل آهي، تنهن کان پاند بچائڻو آهي. تنهن ڪري آخوند کي ان ڳالهہ جو احساس اوس رکڻو آهي، تہ هُو هن مهل جنهن جاءِ تي بيٺل آهي، ڪيس اُن کان اڳتي جو سفر ڪرڻو آهي، پٺتي جو نہ... قطعي نہ.

اسان جو ادارو ، اداري جو سمورو سَٿُ مون فقير سميت، آخوند عباس جي لاءِ دعاڳو آهي تہ ڌڻي ٻاجهارو سندس قلم کي وڏيڪ سگهہ عطا ڪري ۽ هُو علم ادب جي ميدان وڏيڪ ميڄتائون ماڻيندو رهي _ آمين.

نيازمند

فقيرمحمد ڏول

چوويهين آڪٽوبر 2019ع

## منهنجو تعارف

[ليکڪ پاران]

الحمدﷲ، هالا پراڻا جي علم ۽ ادب جو گهِوارو، قديم آخوند خاندان جيڪو حضرت قبلا مرشدنا غوث الحق مخدوم سرور نوح رح جن جي وقت کان هالا پراڻا ۾ ديني و دنياوي علم جي خدمت ڪري رهيو آهي، ان خاندان ۾ 20 فيبروري 1992 ۾ اک پٽيم.

پنهنجي ڏاڏي محترم مرحوم حضرت قبلا سائين الحاج ولي محمد آخوند رح، پنهنجي والد محترم قبلا سائين عبدالواحد آخوند صاحب، پنهنجن چاچن محترم سائين آخوند يار محمد صاحب ۽ محترم سائين آخوند محمد صاحب ۽ پنهنجي نانا محترم ڊاڪٽر عبدالقيوم ’زخمي‘ جن جا درسَ، چاڙ ۽ تربيت ملڻ سان سوچ کي فڪر جو داڻو ملندو رهيو آهي.

تعليمي سلسلو ميٽرڪ تائين شهيد محمد اسلم ميمڻ گورنمينٽ هاء اسڪول هالا پراڻا مان ۽ ماسٽرس ’اڪنامڪس‘ ۽ ’ايل ايل بي‘ تائين جي تعليم يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو مان حاصل ڪيم.

نعت خواني ۽ چترڪاريءَ جو شوق پڻ ٻچپن کان رهيو آهي، جنهن سلسلي ۾ به تخليقون دوستن سان اڪثر ونڊيندو رهندو آهيان.

2015ع ۾ باقائدگي سان لکڻ جو آغاز ڪيم ته سوشل نيٽ ورڪس جي ذريعي دوستن جي حوصلا افزائي ۽ سنڌ جي ڪجهه مشهور شخصيتن جي ادبي رهنمائي ۽ سرپرستي نصيب ٿي. جن ۾ محترم قبلا ڊاڪٽر محمود مغل صاحب، استاد محترم محمد حبيب سنائي صاحب، محترم مرحوم سوز

هالائي صاحب، برادرم ثاقب ابڙو صاحب، حُسين سرور ۽ ٻيا مهربان شامل آهن.

2016جي شروعات کان اخبار روزاني ڪاوش حيدرآباد جي **’ڪاوش گئلريءَ‘** ۾ ۽ ٻين سنڌي اخبارن ۽ مئگزينن ۾ منهنجا مختصر افسانا ڇپجڻ ۽ هي ڪجهه ٿورو ڪارو ڪتو مجموعو اوهان صاحبن جي هٿن ۾ اچڻ منهنجي لاءِ ۽ منهنجي رهبرن لاءِ سرهائيءَ جو باعث آهي.

آئون ائين ٿو سمجهان ته لکڻ به اصلاحي/ سڌي راهه جوڙڻ جي مثل آهي. جنهن راهه کي ليکڪ قلم جي ڪوڏر سان ٺاهي ٿو ۽ لفظن جا ڏڪ هٽي سندس خدوخال ڪڍي هموار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

چوندا آهن، ’جتي باهه ٻري اها جاءِ سڙي.‘ منهنجي آڏو به حقيقي راهون سماجي سُورن، مذهبي انتها پسندين ۽ حق تلافيءَ جي زلزلن سان ڦاٽي رهيون آهن. سو مون به اڏولن جي دور جي هڪ مُڏي ڪوڏر کڻي هڪ سنهڙو پيچرو ٺاهڻ جي ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي. شل اڳهامي پوي.

منهنجي مالڪ، خالق، الله عزوجل جا وڏا وڙ ٿيا، جو پنهنجن خزانن مان منهنجي ننڍڙي ذهن ڏانهن هنن خيالن جي آمد جو رستو جوڙيائين ۽ کين لفظن جي روپ ۾ توهان صاحبن تائين پهچائڻ ۾ پڻ وسيلو ڪري ڏنائين... الحمدلله رب العالمين.

آئون قارئين حضرات کي ادب جا هٿ ٻڌي عرض ڪندس ته براءِ ڪرم منهنجن مختصر افسانن جو وسيع سوچ ۽ ٿڌي دماغ سان مطالعو فرمائين ۽ اعتراض يا غلطين جي صورت ۾، مون ادب جي ننڍڙي شاگرد جي اصلاح ڪرڻ فرمائين ۽ پنهنجي راءِ ضرور ڏيڻ فرمائين ته شاڪر رهندس.

**آخوند محمد عباس**

ڦهرين جنوري 2020ع

هالا پراڻا

## آخوند محمد عباس
## سنڌي فليش ادب جو سُپر اسٽار

پياري آخوند محمد عباس ٻه ٽي ڏينهن اڳ فون ڪري ٻڌايو ته محترم ڊاڪٽر محمود مغل صاحب ڪانئس سندس مختصر ترين ڪهاڻين جو مجموعو ڇپائيءَ لاءِ طلبيو آهي. تنهن ڪري هن مون کي ڪجهه لکي ڏيڻ جي خواهش ڏيکاري. مون کي بيحد خوشي ٿي ته منهنجي ننڍڙي شهر جو هڪ نوجوان ليکڪ صاحبِ ڪتاب ٿيڻ وارو آهي. اصل ۾ هُو چند سالن کان ئي پنهنجي ڪتاب جي ڇپائيءَ جو تمنائي هو ۽ سال ڏيڍ اڳ به هن هڪ مسودو پرنٽ ڪري مون کي ڏنو هو. جيئن ته هڪ پاسي ان وقت سندس مختصر ترين ڪهاڻين يا فلئش ڪهاڻين جو تعداد گهٽ هو ۽ ٻيو ته ڪجهه لکڻين ۾ هن جو لهجو ٿورو تڪراري ۽ سخت هو. تنهن ڪري مون چڻ ڊسڪريج ڪندي کيس صلاحيو ته هُو اجان ڪتاب نه ڇپائي. بهرحال هاڻي جيڪو مسودو مون کي اِي ميل ڪيو ويو آهي، تنهن جو عنوان آهي ’آخوند جا افسانا‘ ۽ ان ۾ سندس فلئش ڪهاڻين جو تعداد 94 ۽ ڪجهه نثري ٽُڪرا به شامل آهن.

لفظ افسانو انگريزي لفظن شارٽ اسٽوريءَ جو سنڌي يا اردو ٻوليءَ ۾ نعم البدل آهي. افساني يا ڪهاڻين سان گڏ ڪافي سالن کان اسان وٽ مختصر ترين يا ننڍڙين ڪهاڻين لکڻ جو به ننڍي پيماني تي رواج رهيو آهي. ٻئي پاسي چند ڏهاڪن کان ٻين ٻولين ۾ سئو لفظي ڪهاڻين کان وٺندي ڇهه لفظي ڪهاڻين جو رواج به رهندو اچي. جنهن کي گڏيل طور

مختلف نالن جهڙوڪ تمام ننڍڙيون ڪهاڻيون، مائڪرو فڪشن، فلئش فڪشن، سَڊن فڪشن وغيره سڏيو پيو وڃي.

نامور ليکڪا ۽ هوائي پئسيفڪ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي پڙهائيندڙ ڪئٿرين سستانا (Catherine Sustana) فلئش فڪشن جي وصف ۽ تاريخ تي لکيل مضمون ۾ فلئش فڪشن جون ٽي خصوصيتون ڄاڻايون آهن:

پهرين خصوصيت ٿور اکري Brevity واري آهي، جنهن موجب فلئش فڪشن هڪ وڏي، شاهوڪار پر منجهيل ڪٿا کي مختصر ترين لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ٻي خصوصيت موجب اهو پلاٽ تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو ۽ ٽين خصوصيت موجب ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ وراڪو Twist يا حيرانگي Surprise هوندي آهي. فلئش فڪشن جي پسمنظر تي ڳالهائيندي هن لکيو آهي ته فلئش فڪشن جي روايت ته ڪافي پراڻي آهي پر ان کي اهميت ويجهڙ ۾ حاصل ٿي آهي. اسي واري ڏهاڪي ۾ ٻن ايڊيٽرن Robert Shapard ۽ James Thomas انهي هيئت کي پاپولر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جڏهن هنن سڊن فڪشن Sudden Fiction سلسلو شروع ڪيو. انهي تحريڪ جو ٻيو مکيہ ڪردار جيروم اسٽرن آهي، جنهن فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ جي تخليقي ادب واري پروگرام جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ دنيا جي بهترين ننڍڙين ننڍڙين ڪهاڻين جو مقابلو 1986ع ۾ شروع ڪيو. پهريائين ڪهاڻيءَ ۾ لفظن جي حد 250 لفظ مقرر هئي، پر اڳتي هلي اها 500 ڪئي ويئي. قصو ڪوتاهہ پهريائين ته فلئش ادب کي شڪي نگاهن سان ڏٺو ٿي ويو پرهاڻي ان کي مکيہ ڌارا ۾ قبوليو ويو آهي. مثال طور مشهور مئگزين O, The Oprah Magazine پنهنجي جولاءِ 2006ع واري شماري لاءِ اهم ليکڪن کان خاص طور فلئش فڪشن لکرايو ۽ هاڻي مختلف مئگزينن ۾ اهو شامل ڪيو وڃي ٿو. سستانا لکيو آهي ته ڪافي ويب سائيٽن ۽ اشاعتي سلسلن پاڻ کي ڇهہ لفظي ڪهاڻين واسطي ارپي ڇڏيو آهي.

ويجهڙ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي ليکڪن فلئش ڪهاڻين لکڻ ۾ طبع آزمائي ڪئي، پر اسان جي هن نوجوان ليکڪ انهي مختصر ترين ڪهاڻي واري صنف کي هڪ نئون لهجو ۽ ڍنگ ڏنو آهي، تنهن ڪيس پنهنجي همعصر ليکڪن ۾ امتيازي حيثيت ڏياري آهي.

آخوند محمد عباس پنهنجي لکڻين ۾ سماجي موضوعن کي انوکي ۽ اڇوتي انداز ۾ پيش ڪيوآهي ۽ گهڻو ڪري اهي اسان جي ضمير کي جاڳائڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿيون. البت ڪڏهن ڪڏهن سندس لهجو هڪ محتسب يا واعظ وارو پاسندو آهي، جيڪو يقينن لاشعوري هوندو آهي، پر ان سان سندس انهن لکڻين جي اهم موضوع جو مقصد فوت ٿي ويندو آهي.

جيئن مون شروع ۾ عرض ڪيو تہ مون کي سندس مجموعي جي ڇپائيءَ تي سَرهائي ٿي رهي آهي. بهرحال آئون کيس ذاتي ڪچهرين ۾ بہ چوندو رهندو آهيان تہ هن کي اصلي شارٽ اسٽوريءَ تي طبع آزمائي ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن اسان کي سندس اصلي جوهر جي پروڙ پوي.

منهنجو ذاتي خيال اهو آهي تہ سٺي ليکڪ لاءِ ضروري آهي تہ هُو سٺو اڃياسي پڻ هجي، پر آئون پانيان ٿو تہ آخوند عباس ايترو مطالعو نٿو ڪري، جيترو سندس واسطي ضروري آهي. جڏهن هُو ٻين جا ڪتاب نٿوپڙهي، تہ پوءِ ماڻهو سندس ڪتاب ڪيئن پڙهندا.

آخوند محمد عباس جي ڳوٺ ۾ ناموري هن ڪان اڳ هڪ سٺي نعت و حمد خوان يا ڳائڪ طور آهي. ان ڪان علاوه هُو پنهنجي ناني ڊاڪٽر عبدالقيوم ’زخمي‘ جي پيرويءَ ۾ شاعري بہ ڪندو رهي ٿو. اسان جي خاندان جي تازو ٽيل شادين ۾ گهوٽن جا شاندار سهرا بہ لکيا اٿائين. سندس پنهنجي شاديءَ جو هڪ ڪارڊ بہ منظوم شاعريءَ ۾ هو جيڪو بہ بيحدساراهيو ويو. جئين پنهنجي تعارف ۾ هن لکيو آهي تہ پينٽنگ ڏانهن بہ سندس لاڙو رهيو آهي. مٿن مائٽن يا دوستن جا پورٽريٽ بہ هُو ناهيندو رهيو آهي. ڪِتار سان فوٽو تہ فيس بوڪ تي رکيا هئائين، ممڪن آهي تہ ڪِتار وڄائيندو بہ هجي.

جيئن هن لکيو آهي هُو انتهائي مذهبي گهراڻي جو فرد آهي، جيڪي صدين کان ديني و دنياوي تعليم ڏيندا رهيا آهن. منهنجي ذاتي خيال ۾ سندس پهريون جولان ميوزڪ آهي، پر مذهبي گهراڻي سان تعلق هئڻ ڪري هُو ان شعبي ۾ وڏي نہ سگهيو پر هن پاڻ کي اعليٰ پايي جو حمد ۽ نعت خوان ثابت ڪيو آهي. منجهس سٺي شاعر ٿيڻ جون بہ ڪافي صلاحيتون نظر اچن ٿيون، پر مذهبي گهراڻي سان نسبت شايدکيس ان شعبي ۾ ڀرپورحصيداريءَ کان روڪيو ويٺي آهي. پينٽنگ جي شعبي ۾ سندس نہ وڏڻ جا ڪارڻ بہ پڌرا آهن.

بهرحال هُو منفرد تخليقڪار آهي، جيڪو پنهنجي لکڻين يا آوازي ڪاوشن ۾ اسان کي روحاني طرح مستفيض ڪندو رهي ٿو.

دعا آهي تہ هُو اهڙين سريلي ۽ ياڳائتي سرگرمين ۾ سدائين مشغول رهي ۽ اسان جي ذهني ۽ روحاني غربت کي گهٽائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري.

**محمد حبيب سنائي**

10سيپٽمبر 2019ع

10 محرم الحرام 1441هہ

## آخوند عباس ۾ مختصر افسانن جو فن

آخوند عباس ۾ مختصر افسانن جو فن

منهنجو شهر هالا نوان ۽ ان سان ڳنڍيل هالا پراڻا ٻئي جاڙا شهر آهن. انهن ٻنهي وسندين هڪڙي ڪُک مان جنم ورتو آهي ۽ ٻنهي جا جسم هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. ٻنهي ۾ دل هڪڙي ئي ڌڙڪندي آهي. ٻنهي شهرن جا ڏک سک، دوستيون ياريون ۽ مِٽيون مائٽيون بہ گڏيل آهن. هالا پراڻا ۽ اتي جي ماڻهن سان منهنجي محبت ايتري پراڻي آهي. هالا پراڻا جي هن ننڍڙي ڳوٺ نما شهر مان ڪيترائي وڏا تخليقڪار اڀريا. انهي هالا پراڻا جي تخليقڪارن ۾ هاڻ اڀرندڙ نالو ’آخوند محمد عباس‘ آهي.

آخوند عباس هڪڙو ڀهڳٽو نوجوان آهي، جيڪو هڪڙو چترڪار بہ آهي تہ راڳي بہ آهي. سندس آواز ۾ هڪڙو فطري ميٺاج آهي، جيڪو قدرت نصيب وارن کي ڏيندي آهي، پر سندس ڪيترن ئي تعارفن مان سندس هاڻ مضبوط تعارف مختصر افسانن جي ليکڪ جو آهي. آخوند عباس نئين دور جو ليکڪ آهي. هُن پنهنجي افسانن جي ابلاغ لاءِ طريقا بہ نوان اختيار ڪيا آهن. سندس مختصر افسانا فيس بڪ تي شايع ٿيندا هئا / آهن، جتي اهي ڪافي مقبول ٿيا. انهيءَ کان پوءِ اُهي افسانا اخبارن ۾ شايع ٿيا. آخوند عباس پنهنجي سوشل ميڊيا جي پڙهندڙن جي مزاج ۽ انهن جي توجهہ جي مختصر مدت وارين ضرورت کان واقف آهي. انهيءَ ڪري هُو پنهنجي افسانن کي اهڙي مهارت سان پيش ڪندو آهي، جو هُو چند سٽن ۾ جنهن ڳالهہ کي پيش ڪندو آهي، تنهن کي ڪرڻ ۾ ٻين افسانا نگار کي ڪيئي صفحا کپندا آهن.

آخوند عباس کي پنهنجي لکڻين جي موضوعن جي ڳولا لاءِ ٻئي هنڌ وڃڻ جي ضرورت ڪونهي. سندس افسانن جو محور اسان جو پنهنجو سماج ئي آهي. سندس مختصر افسانا سماج ۾ موجود اهڙين منافقتن، رياڪارين، بغضن، دوکن، بدعنوانين ۽ دولابن کي پيش ڪن ٿا، جيڪي هاڻ اسان جي سماج جي رڳن ۾ سيرائجي، انهيءَ جو جينياتي حصو ٿي ويا آهن. مون کي سندس افسانن ۾ ’سعادت حسن منٽو‘ جي مختصر افسانن جي مجموعي ’سياهہ حاشيي‘ جي جهلڪ نظر ايندي آهي. جهڙي طريقي سان ’منٽو‘ سماج ۾ موجود براين ۽ ٻٽن روَين کي انتهائي مختصر پر انتهائي تکي ڌار سان جراحي ڪئي آهي. ساڳي ٽِڪائي توهان آخوند عباس جي افسانن ۾ بہ ملندي. ڀاءُ جي موت بدران ڊرامي جي ڪردار جي موت تي روئيندڙ ڀيڻ، ماءُ جي دوا وٺڻ وساريندڙ پٽ، صاحبن کي لفافو پهچائيندڙ ملازم، بايومئٽرڪ لاءِ پريشان گوسڙو ماستر، مريض جي ڪيسي تي اک رکندڙ ڊاڪٽر، فوٽو ڪيرائڻ خاطر فلاحي ڪم ڪندڙ اڳواڻ، گهر ۾ پوڙهيون ٿيندڙ نياڻيون... ۽ اهڙا اڻ ڳڻيا ڪردار اسان کي آخوند عباس جي ڪهاڻين ۾ نظر ايندا، جيڪي اسان جي سماج ۾ پريا پيا آهن، پر جن کان اسان جو سماج اک بند ڪيو ويٺو آهي. اها آخوند عباس جي جرئت آهي تہ هُن پنهنجي افسانن ۾ انهن ڪردارن کي پيش ڪري، سماج کي آرسي ڏيکاري آهي.

جيئن چوندا آهن تہ هڪ تصوير هزار لفظن جي برابر آهي. آخوند عباس جا افسانا بہ تصويرن جيان آهن. جنهن ڳالهہ کي چوڻ ۾ ٻين کي هزارين لفظ کپندا آهن، تنهن ڳالهہ کي آخوند عباس ڪنهن ماهر مصور جيان پنهنجي قلم جي ڪجهہ اسٽروڪن سان چند لفظن ۾ ڪري وٺي ٿو. خاندان جي ٽٽل روايتن کي آخوند عباس ڪيڏي نہ مهارت سان پيش ڪيو آهي.

”ڪاوڙ نہ ڪر جانو امان ابو فقط ڪلاڪ کن لاءِ آيا آهن.“

هن هڪ سِٽَ جي افساني ۾ آخوند عباس اها حقيقت پيش ڪئي آهي، جنهن ڪي ٽي ويءَ جي ڪنهن سيريل ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڪيئي قسطون گهرجن. مون کي اها سِٽَ پڙهي آمريڪي ليکڪ 'ارنيسٽ هيمنگوي' جو شاهڪار مختصر افسانو ذهن ۾ تري آيو.

"وڪري لاءِ: تازي ڄاول ٻار جا جوتا. ڪڏهن به نه پهريل."

جيئن هن هڪڙي سِٽَ ۾ هيمنگوي ٻار جي موت جي درد ۽ غربت کي فنڪارانه طريقي سان سمايو آهي، ساڳيو انداز اسان کي آخوند عباس جي مختصر افسانن ۾ به ملي ٿو.

آخوند عباس اڃا جوان آهي. سندس قلم ۾ اڃا طاقت آهي. اميد ته سندس اها طاقت برقرار رهندي. منهنجي ڪيس اها به صلاح آهي ته هُو هاڻ مختصر افسانن واري صنف کان سواءِ ٻين صنفن خاص طرح شارٽ اسٽوري تي به ڌيان ڏي. منهنجو يقين آهي ته هُو هر صنف ۾ اهڙي ئي فنڪارانه ڪاميابي ماڻيندو، جيڪا کيس مختصر افسانن ۾ حاصل ٿي آهي.

## منوج ڪمار

هالا

ڊسمبر 2019ع



# پنجانوَي مختصر افسانا ۽ نثري ٽُڪرا

[فليش فڪشن]

## آخوند عباسَ ڪي خواب جي ساپيان مبارڪ هجي

محمود مغل

ايندڙ انوَنجاهه صفحن ۾، هلندڙ دؤر جي نئين جُرّت سان ملاقات ڪيو. آخوند عباس پنهنجي خيال جي خواب ڪي ساپيان ڏيڪارڻ چاهي ٿو.

ڏٺيءَ منجي پاران اِها بہ ڪيڏي نہ وڏي عنايت آهي تہ انسان سوچي، سوچ ڪي لفظن جي رِدا پهرائي ۽ وري اُن ڪي ڪاغذن تي منتقل ڪري يا وري اُچار جي جامَي ۾ پيش ڪري. انهن سيني عملن ۾، ڪنهن بہ وقت ڪابہ ڪوتاهي ٿي سگهي ٿي.. مَهرَ تہ اُن مالڪ جي آهي، جنهن انسان ڪي اِهو هُنر عنايت ڪيو آهي. هالا جي هِن هوشمند ڪي، ڏٺيءَ پاران اِهو تحفو مبارڪ هجي.

سال 2015ع کان 2017ع تائين 'ڪاوش گئلريءَ' ۾ پيائ فقير ۽ مون اِها ڪوشش شعوري طور ڪئي تہ ننڍين تحريرن ۾ وڏا نياپا شامل هجن ۽ فليش فڪشن شعوري طور سرجي سامهون اچي. هن ڪوشش ۾ اسان ڪيترو ڪامياب ٿياسين، اِها تہ هڪ ٻي ڪيفيت آهي، پر بهرحال ڪيترائي نوان ليکڪ اُڀريا، جن هن ميدان ۾ جاکوڙ ڪئي ۽ مون ڪي اهو لکڻ ۾ ڪوبہ باڪ ڪونهي تہ آخوند عباس انهن سيني جو سرموڙ رهيو.

هڪ ڏينهن سندس پاران هڪ ترجمو موصول ٿيو. سِرو هئس 'ڏيءَ جي وهانءَ ڪان پوءِ گهر ۾' اهو هڪ گجراتي نثري نظم جو ترجمو هيو، جنهن جو شاعر

هو ’جينت پائڪ‘ ۽ سچي ڳالهه ته اِها آهي ته اُن هڪ ترجمي، اندر ۾ الاءِ ڪيترا ايوان کولي ڇڏيا ۽ هڪ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ مان ۽ ڊول پاڻ ٻڌي پريشان ٿي ويا هئاسين. جيتوڻيڪ اهو ترجمو آخوند عباس نه ڪيو هو، پر ته به سندس چُونڊ حيران ڪندڙ هئي. اِن اسم تي نگاهه وجهو:

نيٺ، سڀ ڳڻتيون ۽ ڳارا ختم ٿيا،
وهانءُ پورو ٿي ويو.
ڪنوار جي ماءُ هاڻي
سڀ سامان ۽ شيون سنڀالي
ڳڻڻ لڳي ٿي
هر شئي ياد ڪري ٿي
سنواري رکڻ لڳي ٿي
پليٽون، پيالا، گلاس، ٿالهيون
هرڪا شئي، برابر
ڪٿي به ڪا به شئي گم نه ٿي
پر پوءِ اوچتو ڪجهه ياد ڪري
ويهي رهي ٿي.
ڪمري جي وچ ۾ ڇوڏاري نهاريائين
لُڙڪ ڀري سوال اکين مان وهي آيس
’پر، منهنجي ڌيءَ ڪٿي آهي؟!‘

هن نوجوان کي قدرت انيڪ خوبين سان نوازيو آهي. ساندهه ڪم ڪندو رهي ٿو، ٿڪجڻ ۾ ويساهه نٿو رکي، اصلاح ڪيس خراب نٿي لڳي. بِاادب بانصيب آهي ۽ ان ڪري ئي مٿس تخليق جا دروازا کُلندا رهن ٿا. ايندڙ صفحن ۾ سندس ’فليش فڪشن تحريرون‘ اوهان تي ان ڳالهه جي تصديق ثابت ڪري ونديون، جيڪو مون هتي عرض ڪيو آهي.
مالڪ کيس نوازيندو رهي. دامَي، درمَي، ڪرمَي، سُخنَي صرف رب ڪريم جو محتاج رهي ۽ سنڌي علم و ادب کي ائين ئي پنهنجي پاران سوکڙيون ارپيندو رهي-آمين.
نندڙا آخوند عباسَ، توکي تنهنجي خانوادَي کي هن خواب جي ساڀيان مبارڪ هجي.

[1]

## هڪڙي ڏينهن جي خوشي

اڪثر خفي جي خَفت ۾ وڪوڙيل، پاڻ کي پريشانين جا پاراتا ڏيندڙ بُتَ تي گَرا ڪپڙا اوڍيل، بي آسرا گهٽين ۾ ڦرندڙ رٽائرڊ چاچو پيرل ان ڏينهن ڏاڍو خوش هو..

هڪڙي ڏينهن جي خوشي جو سبب پڇيومانس تہ خوش ٿي وراڻيائين، ”اڄ زال ۽ ٻارن کِلي ڳالهايو آهي... پهرين تاريخ آهي نہ، پينشن فارم تي دستخط وٺڻ آيا هئا..“

[2]

## برف ٽُڪر

صبح کان ڦُٽيون چونڊي، ٿڪجي ٽٽي پوڻ تي، اُسَ ۾ ٻنيءَ تان واپس گهر وڃڻ کان اڳ ڳوٺ جي سُکين گهرن ڏانهن رخ ڪيائين.

برف لاءِ عرض ڪرڻ تي جواب مليس:

”ماسي، هن ٽڪر وراندي کي پوڇي هڻ ۽ هي چار کن ٿانو تہ ڌوئي وٺ، تيسيتائين آئون تنهنجي لاءِ برف ٽُڪر ڪڍي ٿي وٺان. .“

[3]

## سچي رات جي محنت

يارهين جماعت جا پيپر ڏيندڙ قابلُ، گھٽيءَ مان وقلندو گھر ۾ داخل ٿيو ڪِلپ بورڊ کي ڪٽ ڏانهن اڇلائيندي، بوٽَ جون ڳھيون ڇوڙڻ لڳو.

”ٻچا اڄ پيپر ڪيئن ٿيو؟ سچي رات پئي محنت ڪيئي.“ ماءُ پڇيو.

منهن ٻچڙو ڪري جورابن مان ويڙهيل پنن جا دستا ڪڍندي وراڻيائين، ”امان، اڄ هنن مان هڪ سوال به ڪونه لڳو. . .“

[4]

## اڳيرائي

سياسي ريليءَ ۾ هڪ نوجوان، پويان ڪان حمايتي نعرا هڻي رهيو هو .هڪ دوست ٻانهن کان ڇڪيندي چيس، ”اڙي چريا ..اڳتي ٿيءُ، رئيس جي پاسي ۾ هلي نعرا هڻ، ڪجهہ اڳيرائي ڪر... ائين پويان هوندين تہ نوڪريءَ واري لسٽ ۾ نالو ڪونہ چڙهندئي.“

[5]

## آسَ

جوانيءَ جو ليڪو لتاڙيندڙ چئن ڏيئرن جي مڙهي ماءُ، پاڙي ۾ منگڻيءَ جي مٺائي ورهائيندي پئي چيو، ”ائي دعا ڪجو تہ خير سان جيئري پرياند پُٽڙي جي خوشي ڏسان.“

[6]

## احساسَ جي تصويرڪشي

ريسٽورنٽ جي ٻاهران ماني پور لاءِ واجهائيندڙ منهن تي گَرُ ڄميل، داغن سان ڇِٽيل قميص جو اڌ ڪُلهو هيٺ لٿل هڪ اٺَن سالن جي معصوم ٻار تي ان ريسٽورنٽ مان ٻاهر نڪرندڙ ٻن برگر نوجوانن جي نظر پئي. سو همدردي محسوس ڪندي موبائل سان ڪيس فوڪس ڪيائون ۽ احساس ڏياريندڙ هڪ ٻہ فوٽو ڪڍي، هٿ ۾ جهليل سينڊوِچ کي چڪ پائيندا اڳتي هليا ويا...

[7]

## تڏو گرم

جميل، آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندڙ پنهنجي ڪم چور ساٿي غفور کي چيو ”يار غفورا، وڏو صاحب توسان الاءِ ڪيئن سدائين ٿڌيل ٿو رهي، منهنجو ته ڪم به سڀ پورو آهي، پوءِ به مون تي گرم لڳو پيو آهي، اصل مون تي اک پوندي ئي سڄو ڳاڙهو ٿيو وڃي.“

غفور ٺهڪ ڏيندي وراڻيو ”اڙي منهنجا سادا يار جميلَ،تون به هر مهيني وڃي صاحب کي بنگلي تي لفافو ڏئي اچ، ڪم جي به ٽڏائي ٿيندئي، صاحب به ٿڌو رهندئي.“

[8]

## امان ابو

”ڪاوڙ نه ڪر جانُو،

امان ابو فقط ڪلاڪ کن لاءِ آيا آهن.“

[9]

## پيٽرول ۽ سي اين جي

سرڪاري اسپتال ۾ سِرُن تي بيٺل چئن ايمبولينسن جي پرسان هلڻ جهڙي هڪ ايمبولينس ڪي، اڌ ڪلاڪ کان گهيرو ڪري بيٺل پنجاهي کن مسڪين ڳوناٽا، ڊرائيور کي ڪرايو گهٽ ڪرڻ لاءِ منٿون ڪري رهيا هئا. ڊرائيور جي زبان تي مسلسل هڪ ئي ڳالهه هئي ته، ”سي اين جي بند آهي، پيٽرول تي هلڻو پوندو.“

ايتري ۾ اندران پٽيواليو سهڪندو آيو ۽ اچي ان ايمبولينس ڊرائيور کي چيائين، ”نبو. واڻر وٽ صاحب جي پٽ جي گاڏي خراب ٿي پئي آهي، سگهو وڃ.. ۽ ٻڌ.. سيٺ نبن کي به اڳتي ڪندو وڃ.“

[10]

## دوا

”پُٽَ...! منهنجي دوا؟؟؟“

[11]

## نوڪرياڻي

عصر مهل اٿي اسڪول لاءِ ناشتو تيار ڪرڻ ڪان وٺي، رات جو پٽڪڙا بوٽ پالش ڪرڻ ڪان پوءِ، ننڍ مان اٿاري ڪير ڏيڻ تائين ٻچي جي خدمت ڪندڙ ماءُ ڪي، سندس تازو پرڻيل پٽ، پنهنجي گهر واريءَ ڪي گهر جو ڪم ڪندي ڏسي چوڻ لڳو ”امان اوهان ٻہ حد ٿا ڪريو. مومل منهنجي زال آهي ڪا هن گهر جي نوڪرياڻي تہ ڪانهي.“

[12]

## وقت جي ضرورت

معاشري ۾ ٿيندڙ ناانصافين لاءِ احتجاج ڪندڙ ڪجھ نوجوانَ پمفليٽ هٿ ۾ جهلي، سامهون موبائل سان ڪين فوڪس ڪندڙ همراه ڪي رنيُون ڪري چئي رهيا هئا، ”جيڏي مهل نعري لاءِ ٻانهن مٿي ڪڻون، ان مهل پلو ڪو پوز ڏسي پوءِ فوٽو ڪڍجان.. فيس بُڪَ تي رکنداسين.“

[13]

## شناس

مهيني ٻئي مهيني ٻن ڏينهن لاءِ ٻچن وٽ ڳوٺ ايندڙ سرڪاري آفيسر ڪي هڪ ڳوٺاڻو گڏيو. ٻانهن ڪان جهلي ٻيهي رهيس ۽ صلاح ڪندي، هوٽل ڏانهن ڇڪيندي، چانهه پيئڻ لاءِ ضد ڪرڻ لڳس، ڳراٽڙي پائيندي آفيسر صاحب وراڻيس، "ادا منهنجا، هن وقت ڇڏ.. هفتي ڪن ۾ رٽائر پيو ٿيان، پوءِ پيا چانهيون پيئنداسين."

ڳوٺاڻي هڪدم سندس ٻانهن مان هٿ ڪڍيو ۽ کيسي مان موبائل ڪڍي، ڪوڙي 'هلو هلو' ڪندو، "اچان پيو..." جي صدا هڻندو تکڙو هليو ويو.

[14]

## ماءُ جو ڏينهن

"ابا تون ٻہ، وقت ڪان پوءِ، پاڻهين جَن وانگر، پاڻ سان گڏ فوٽو ڪڍڻ آيو آهين منهنجو...؟؟؟"

[15]

## بي اونو

ٽن چئن سالن کان هر مهيني پگهار مان مٽي حصو ڏئي بي اونو ٿي، دڪان هلائيندڙ ماسٽر صاحب کي اوچتو مٿان فون آئي...

”سائين، سختي ٿي وئي آهي، سگهو وڃي بايوميٽرڪ ڪرائي اچو..!“

ماسٽر صاحب سهڪندو آفيس پهتو...

”سائين، ڪهڙي اسڪول ۾ پوسٽنگ اٿوَ؟؟“

ماسٽر صاحب پريشان ٿي وراڻيو،

”صاحب، الاءِ...؟“

[16]

## خيرات

سنجها مهل وات تان ويندڙ سادڙا لٽا اوڍيل هڪ اڌڙوٽ عورت ۽ هڪ جوان جماڻ نينگريءَ جي پاڻ ۾ ٿيندڙ گفتگو ڪنن تي پيم، ”امان، آئون سياڻي ڪانه هلندس، تون اڪيلي وڃجان.“

ماءُ لاچاريءَ مان وراڻيس، ”ٻچا مون پوڙهي کي ڪير پائي به خيرات ڪونه ڏيندو، اجايو سيءَ ۾ سُڪي اچي گهر پيڙي ٿيندس.“

[17]

## اصلي چريو

جمن جاننيجو سرڪاري ملازمت ڪندڙ هڪ يونيورسٽي دؤر جو دوست سندس ٿرَ ۾ بدلي ٿي آيو. سو ڪريم به سنيري ملڻ لاءِ سندس آفيس ۾ پهتو. نالي سان پڇا ڪرائڻ تي خبر پيس ته ڪيس آفيس ۾ ’اصلي چريو‘ ٿو ڪوٺيو وڃي...

بهرحال، وڏي ڪيڪار سان ڪريم سندس ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ ماجرا پڇيائينس ته جمن مطمئن مُرڪ سان وراڻيس، ”ادا، آئون سُکي پگهار تي گذران ڪندو آهيان.“

[18]

## ڏيان

رستي تان ويندڙ هڪ دوست ڪي سلام ڪيم پر جواب نه ڏنائين، ڇو ته مُنهن موبائل ۾ هئس.

هڪدم ميسيج ۾ سلام لکي، سينڊ ڪيومانس.

چئن سيڪنڊن ۾ جواب آيو:

”وعليڪم السلام“..

[19]

## روايت

ڏار وينل وڏي ڀاءُ وٽ ڀلجي چڪر تي آيل ننڍي ڀاءُ، ڪيس ڪٽ تي بيوس ڀيل ڏسي ڪانئس سبب پڇيو..

ورندي مليس، ”ادا هاڻ ته اڪيلائپ ڪاٽڻ ٿي اچي، ڇوڪرا الاءِ ڪڏهن ڪيئن وڏا ٿيا، الائي ڪيڏي مهل ٿا گهر ۾ اچن ۽ ڪيڏي مهل ٿا وڃن. . ڪا خبر ئي ڪانهي..ڪوڙ ساريون صلاح مصلحتون، ڳالهيون ٻولهيون، تڪليفون، محبتون ساڻن ونڊڻيون اٿم.“

ننڍي ڀاءُ طنز ڪي شڪايت جي رومال ۾ ويڙهيندي چيس، ”ادا وڏا، تو وارا ڇوڪرا ٻه ڪم تان لهي، ساڳي ئي هوٽل تي ويهي اڌ رات گذارين ٿا جنهن تي تون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهندو هئين.“

[20]

## سزا

ڳٽين ۾ ڳرندڙ چاچي نبوءَ، سامهون صُفي ۾ وينل، پيريءَ ۾ پير پائيندڙ پنهنجي نياڻيءَ ڏانهن نهاريندي، پشيمانيءَ مان پنهنجي زال کي چيو ”ياڳن ڀري منهنجي ڪيئي جي سزا منهنجي نياڻيءَ کي ملي آهي مون به ته ڪوڙ رشتا موٽائڻ ڪان پوءِ توکي پسند ڪيو هو.“

[21]

## ڪردار

انا جي ور چڙهيل، سالن کان پنهنجي اڪيلي ڀاءُ سان قطع رحمي ڪندڙ شادي شده ڀيڻ، صبح ويل پنهنجي جگري ڀاءُ جي موت جي خبر ٻڌي، پر ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيائين.

رات جو جڏهن پنهنجي پسنديده ڊرامي ۾ پسنديده ڪردار کي مرندو ڏٺائين تہ رڙ نڪري ويس، جيڪا ماتمي دانهن تقريباً اڌ پاڙي ٻڌي.

[22]

## فارملٽي

گهر ۾ گهڙندي ئي ڇهري تي ڪاوڙ وارا گُهنجَ اچي ويس. اڱڻ ۾ ويٺل زال، مڙس جو اهو لقاءُ ڏسي، ويجهو اچڻ تي سوالي نگاهن سان ماجرا پڇيس.

وراڻي مليس، ”ڪالهہ چوواڻي تي هڪ دوست کي فارملٽيءَ طور چانهہ جي صلاح ڪيم، ان مهل تہ ڦٻي ويس، پر اڄ اچي در تي نڪتو آهي. “

[23]

## زماني کي سلام

گهٽيءَ مان لنگهيس پئي، تہ زماني جو هڪ انوکو رنگ ڏٺم.

علم سان سرشار، پاڻ ۾ سمايل هڪ لائبريريءَ مثل ۽ ايمان و حياءَ جي خوشبوءِ سان مهڪندڙ شخص، پنهنجي حلال روزي ڪمائڻ لاءِ پنهنجي دڪان ڏانهن وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ هڪ اڌڙوٽ واٽهڙوءَ کي سلام ڪيائين. جيڪو چار پاپا، پنج روپين جي ڪنڌ ۾ هڪ چانهہ جو ساشي وٺي وڃي رهيو هو. سلام جو جواب نہ ملڻ تي نراڙ تي هڪ گهنج بہ نہ آيس، پر ان اڌڙوٽ شخص جون اکيون ڪيس جهڙوڪر ڪو هارايل بازيگر سمجهي ترڪ ڪري رهيون هيون. مون بہ سمجهيو تہ شايد ڪالهہ اوڌر لاءِ انڪار ڪيو هوندئينس.

چئن قدمن کان پوءِ هڪ وڏي ڪيڪار ٻڌڻ ۾ آيم. نظر ڪيم تہ، قادن گهران نڪتو هو جنهن تي سلامن جي وٺ وٺان پئي ٿي، مشهوي هو تہ نندپڻ کان وٺي امتحانن جا پيپر نوري کان ڏياري پاس ٿيندو آيو ۽ ڪجهہ وقت پهرين تائين سندس پڪوڙن جو هٽُ بہ پوري ڳوٺ ۾ مشهور هو. تازو چار لک ڏئي هڪ سرڪاري ڪاتي ۾ پرتي ٿيو آهي ۽ سلامن تي سلام پيو وٺي.

[24]

## ساڳي ماني ساڳ سان ..!

بس اسٽاپ تي دڪان هلائيندڙ سيٺ سچل، ٻن ٽن ڏينهن کان باقائدگيءَ سان ٽائيم تي پنهنجي ٿي برادري جا ڪجهه سيٺ، ٽپ ٽاپ ٿي ، فائيل هٿ ۾ کڻي بس ۾ چڙهندي پئي ڏٺا. نيٺ ، رهيو نہ ٿيس، وڃي هڪڙي يار ڪي ٻانهن مان جهلي حال پڇيائين،

وراڻي مليس، ”سيٺ سچل، نئين حڪومت آئي آهي، ہ تي ڏينهن مڙئي سختيءَ جا آفيس وڃون. بس، سگهو وري دڪان تي ڏسندين. وري ساڳي ماني ساڳ سان هوندي.“

[25]

## احسان

احوال ڏيڻ کان پوءِ چاچي خاڻن هٿڙا ٻڌي عرض ڪيو ”ڊاڪٽر صاحب غريب ۽ لاچار آهيان.. جيڪر ...“

ڊاڪٽر صاحب بنا دير جي بيل وڄائي، رسيپشنسٽ اندر آيو. کيس فيس واپس ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏنيون ويون. خوشيءَ مان لکيل دوائن سان پرچيل ڪاغذ کڻي، ان ئي ڪلينڪ ۾ موجود ميڊيڪل اسٽور تي پهتل چاچي خاڻن. دوائن جي رقم ٻڌي تہ ڊاڪٽر جي احسان جو بار نہ سهندي دم ڏٽيءَ حوالي ڪري ڇڏيو.

[26]

## نوَ مهينا

پيءُ جي وفات کان فوراً بعد پٽن ۾ ملڪيت تان ڏڦيڙ پئجي ويو.

موپي پٽَ چيو ”بابي سان ڊنڊي ۾ آئون گڏ رهيو آهيان, مارڪيٽ واري جاءِ ۾ هيٺيان چار پاندا منهنجا آهن. آئون ٿو وڃي ٻارن سان اتي رهان.“

ننڍين ٻن پٽن هڪدم موجوده گهر ۾ اک وجهندي چيو ”هن جي رِنووَيشين اسان ڪرائِي آهي, هتي اسان پنهنجن ٻارن سان رهنداسين.“

پيءُ جي ڏک ۾ سڏڪا پريندڙ آخري پندرهن ورهين جي پٽ, بيوسيءَ ۾ پنهنجي وجود جي حصن جو لقاءُ ڏسندڙ ماءُ جي هنج کي ڇُهڻندي معصوميت مان چيو ”آئون هتي پهرين بہ نَو مهينا رهيو آهيان.. هيءَ منهنجي ملڪيت آهي..گهر جو ڪهڙو بہ حصو ملي, آئون هن سان رهندس.“

[27]

## قسمت

جُڙيل ڪنيرَ ڪي ٻن گونگين ڏيٺرن مٿان, ٽئين ڏيءَ نابين ڄائي تہ ڪيس لڳو ڄڻ آويءَ مان نڪتل اڏ ڪان مٿي مَٿَ سيريَل نڪتا هجن...

[28]

## ساڳي عورت

’عورت کي برابر جا حق ملڻ گهرجن. عورت روبوٽ ناهي جو گهر جي ڪم ڪار ۾ پنهنجي زندگي تباهه ڪري. عورت کي به مرد وانگر جيئڻو آهي. ترقي يافته ملڪن ۾ مرد پنهنجا سمورا ڪم پاڻ ٿو ڪري، زال مڙس ٻئي ڪمائين ٿا، خوشحال زندگي گذارين ٿا. اسان جي معاشري ۾ الاءِ اها لاٽ ڪڏهن روشن ٿيندي؟ گهرن ۾ نوڪرياڻين تي ڪم جو دٻاءُ ڪڏهن ختم ٿيندو؟‘

مشهور تنقيدي ليکڪ، مضمون کي سواليه نشان تي ترسائي، اڃا قلم مس ٻيهاريو ته، پرسان آواز ڪنن تي پيس، ”صاحب!! سڀ ڪم لاهي ڇڏيم. اوهان جو ۽ ننڍي صاحب جو ڪمرو صاف ڪري ڇڏيم. ڪپڙا سڀ ڌوئي ڇڏيا آهن. باقي ميڊم ته پرڏيهه آهي، ان جو ڪمرو لاڪ آهي ۽ ها لنچ ڪچن ۾ نهي پئي اٿوَ.“

گهر ۾ ڪم ڪندڙ نوڪرياڻي در کي انتر لاڪ جي حوالي ڪري رواني ٿي وئي.

[29]

## جنريشن گئپ

چوڏهين فيبروريءَ جي شام جو جڏهن چاچي دلبر جي اوچتي نظر گهر ۾ پيل چمڪيلي پنيءَ ۾ ويڙهيل، هڪ پاروٽي ڪوما يل گل تي پئي، تہ ڪيس بہ جوانيءَ ۾ رهيل حسرتن ڪي پورو ڪرڻ جو خيال آيو.

سو ٻچن ڪان لڪي، تڪڙ ڪري، اهو گل ڪٽِي پاسي واري گهٽيءَ ۾ بيواهي معشوقہ جي گهر پهتو تہ ان عورت جو پُٽ پنهنجو ئي خريد ڪيل ساڳيو گل، چاچي دلبر جي هٿ ۾ ڏسي، شڪايت جي ڊپ ڪان وٺي ڀڳو.

[30]

## سارَ

”پائو وڏي وانگر McDonald جا برگر تہ نٿو ڪارائي سگهان، پر خلوص جي چٽنيءَ سان گڏ پڪوڙن جا پنجاهہ ربيہ مون وٽ بہ ليي پوندا..او... مون مسڪين پاءُ ڪي وساريندڙ پيڻ..“

[31]

## فنڪار

### اڳ

”پلو . . گھور ڪيتري پئي؟“

”استاد گنج ٿي ويو فرمائشي ڪلامن تي تہ توهان مٿان پئسن جو مينهن پئي وسيو.“

### اڄ

”پلو . ڪر خبر، ڏهاڙي ۾ خرچ تہ نڪتو نہ؟ “

”استاد، الاءِ... مون تہ رڳو توهان ڏانهن اپيون ٿيل موبائلون ۾ پوءِ توهان سان نڪرندڙ سيلفيون پئي ڳڻيون..“

[32]

## سَنهڙيون

”ابا.. ڊريور..!! ہ سوَ ڪونہ آهن ڪي.. سئو ڪن آهي ..“

”چڱو پوڙهي..!! اوهان ٻئي پُٺيان ويهو اڳيان هِنن ٻنهين کي ويهاريو، سنهڙيون آهن، سوليُون ٿي ويهنديُون..“

[33]

## ڪپڙي جو ٽُڪر

شهر ڏانهن ويندي پنهنجي ڳوٺ جِي غريب آباد جي جهوپڙين تي نظر پيم... مٽيءَ سان لٿيل رستي تي، اگهاڙن پيرن سان ڊوڙاڏائي ويندڙ معصوم ٻار... جن ۾ هڪ گدلي پٽڪڙي چوڪري هر هر پنهنجي گنجي مٿي تان سرڪندڙ پوتڙي کي واپس مٿي تي رکندي ڊوڙندي وڃي رهي هئي...

شهر پهتاسين، جتي بنگلن جون قطارون، صاف سٿرن رستن تي بال سان کيڏندڙ سلڇڻا، اوچا ڪپڙا ۽ جوتا پهريل ٻار ۽ ڪجهه جوانيءَ ۾ پير پائيندڙ نياڻيون، فر فر انگريزيءَ ۾ هڪ ٻئي سان مخاطب هيون.

..پر افسوس . .ڪپڙي جو ٽڪر سندن ڪلهي تي بہ نہ هو. .

[34]

## ساڳيو سوال

”چاچا..! زمانو خراب آهي، ضد نہ ڪر. ڏئي ڇڏ. وڏين جي چڪر ۾ هِن سٿرنهن ورهين جي معصوم نياڻيءَ جِي بہ سِينڌ اڇي ڪندين ڇا؟؟!!“

[35]

## ملامتي سوال

اونهاري جي آمد سبب فرج صاف ڪيم. ڪائڻ پيئڻ جي شين سان گڏ ڪجهه دميل شيون بہ نڪتيون. ان مهل پاڙي جي غريبن جو اچي احساس ٿيم. سو هڪ دم انهن شين جي پري ٻڌي ٻاهر نڪتس ۽ وجي هڪ مسڪين جو در کڙڪايم. ايتري ۾، ڪاڏي جي تاڙ ۾ ڦرندڙ هڪ ٻکايل ڪتي اچي ان پريءَ ۾ جهٽ هنيو وات سان ڦاڙي جڏهن ڪائڻ لڳو تہ هڪدم پريءَ مان منهن ڪيڍيائين ۽ ملامتي نظرن سان ڏسڻ لڳم. جڻ پڇندو هجيم، ”ڏي خبر... اڄ ڪلهہ انسان هي ٽا ڪائين چا؟؟“

[36]

## تربيت

پُٽ، ڏهن رپين جي نوٽ کي گول ويڙهي، ٻن آڱرين ۾ جهليندي، چپن تائين آندو ۽ تيلي ڏئي، پيءُ وانگر ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي، پنهنجي ناهيل سگريٽ جا سوٽا هڻڻ لڳو.

پيءُ پٽ کي ڏسي ڪاوڙ ۾ چيو: ”چو پيو پئسا ساڙين؟؟“

پٽ وراڻيو: ”بابا.. اوهان بہ تہ ساڙيندا آهيو..“

[37]

## اڳ ۽ اڄ

### اڳ

”پائوخيرل، پاڻ واري يار جڙيل جي زال مري وئي آهي، هل تہ هلي فاتحہ بہ ڪري اچئون ۽ ڪم ڪار جي خبر چار بہ وٺئون.“

### اڄ

”پائوخيرل، جڙيل جي زال مري وئي آهي، يار آئون مصروفيت سبب نہ وڃي سگهيس، تون پلا فاتحہ تي ويو هئين؟ ڏي خبر ڇا پئي هليو؟“

”ادا پيرل، شربت جا چار ڦڙا ملائڻ بہ ڪانئن ڪونہ پڳا، پاڻيءَ جي گلاس تي پئي ٽڙڪايئون.“

[38]

## ڏوراپو

”هيڏهان..!! سِڪي پني جاول پنهنجي اڪيلي پٽ، هيل بہ عيد ساهرن ۾ ڪئي...“

[39]

## تکڙو قدم

ڪلاس ڪان ٻاهر بيٺل ٻئي استاد ڏک ۾ ٻڌل هئا.

”يار هن تعليمي نظام جو ڇا ٿيندو. ڪو تڪڙو قدم کڻجي، پر ڪير اڳتي ايندو.“

پريان پٽيوالو ڀڄو آيو...

”سائين، وڏيرو وڏل ٿو اچيو رکيل ڪٽڪ ڏسڻ.“

”تڪڙ ڪر ادا تہ رَسُونس، تپي نہ وڃي“

[40]

## ٽيسٽون

چاچي لکاڏني جا چار ئي مزدور پٽ الھ تلھ ميڙي پيءُ جو علاج ڪرائڻ لاءِ شهر ڏانهن روانا ٿيا. ٽن ڇئن ڏينهن کان پوءِ کين پيءَ جو لاش ايمبولينس مان لاهيندو ڏسي هڪ پاڙيسري احوال پُڇين. هڪڙي پٽ روئيندي ٻڌايو. ”بابي جو علاج شروع ڪرڻ کان اڳ، ڊاڪٽرن پاران ڪرايل ويهن ٽيسٽن ۾ ئي سمورا ڏوڪڙ پورا ٿي ويا.“

[41]

## عيد مهم

غريب ٻارن جي عيد لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ سوڍل کي ماءُ چيو ”ابا.. بيواه پيڻ، غريب ماسيءَ ۾ هڪ ڪٽي منهنجي لاءِ بہ عيد جو وڳو وٺي اچ تہ سگهو سبجن بہ ۾...“

هڪدم وراڻيائين، ”امان موڪليو انهن کي سپاٽي اسان جي پروگرام ۾، سڀ ڪجهہ ٽا ڏيون، باقي هتي فوٽو وغيره ڪيئن نڪرندو.“

[42]

## حقيقت

پٽيوالو ولايت عرف ولُو، وڏي چاپلوسيءَ سان صاحب جي آفيس ۾ داخل ٿيو. هٿ ۾ٻڌي ٽيبل تي رکيل فائيل ڏانهن اشارو ڪندي چيائين: ”بابا سائين، هن کي مڙئي ٿورو اڳيرو ڪريو، ماڻهو ويچارا رُلي ويا آهن.“

صاحب چشمي جي مٿان اکيون اُپيون ڪندي وراڻيو: ”ولُو..!! رُلندا تہ ڪجهہ ڏيندا نہ...“

[43]

## ڏيءُ

چئوطرف گهنجيل ۽ روئڻا منهن، ميٽرنٽي هوم تي ان ڏينهن ڄڻ ڪا آفت نازل ٿي هجي... ٻڌڻ ۾ پئي آيو تہ اڄوڪي ڏينهن تي اڪثريت ۾ ڌيئرن جو جنم ٿيو آهي..

بهرحال، هڪ همراهہ پنهنجي تازي ڄاول ڌيءَ کي خدا جي رحمت سمجهي، مٺائي هٿ ۾ ڪري، هڪ ڪمري مان ٻاهر نڪتو ۽ ٽلندو موجود ماڻهن ۾ ورهائڻ لڳو. هڪ ڪمري جي دروازي وٽ لڙڪ لاڙيندڙ هڪ جهونڙي عورت ڏانهن مٺائي وڌايائين، عورت خوش ٿي چيس، ”ابا پُٽڙي جون مبارڪون هجنئي، مون واري ڇوريءَ کي هيل بہ ٽين ڌيءَ ڄائي آهي. “

[44]

## زڪوات جا پئسا

”بابا.. هي زڪوات جا پئسا، بيواهي ڦتان ۽ مندڙي مولوءَ کي ڏئي اچان نہ؟“

”نہ.. نہ.. پٽ.. انبَ، جُمعي ۽ خيرلَ کي ڏئي اچ، اويل سويل، ڪم ڪار ۾، جيڪي ويچارا سڏ ۾ سڏ تہ ڏين ٿا..“

[45]

## هيپي هولي

ڪالهہ اچانڪ برسات پئي تہ تفريح لاءِ نڪري پيس، رستي تي بينل اڪيلو ٻار ڏٺم. برسات جي پاڻيءَ سبب سندس هٿڙن ۾ جهليل رنگ، آڱرين جي وٿيُن مان آهستي آهستي ٽمي هيٺ ڌرتي کي رنڱي رهيو هو. ٿوري دير ڪان پوءِ برسات بند ٿي وئي، هاڻ نہ هٿن ۾ رنگ بچيو هيُس نہ سندس خوشيءَ ۾ ساٿ ڏيندڙ برسات جو پاڻي.

لاچاريءَ مان آسمان ڏانهن نظر ڪيائين تہ هڪ عجيب مرڪ سندس چپن تي نمودار ٿي، سندس نظرن سان ڏٺم تہ هُو آسمان ۾ ظاهر ٿيل اندلٺ کي ڏسي رهيو هو ۽ چپن ۾ چئي رهيو هو "هيپي هولي... هيپي هولي..."

[46]

## حسرت

روڊ جي پاسي ۾ بينل، هڪ وڏي گاڏيءَ جي شيشي مان، هڪ امير جوڙو حسرت مان ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ ڳرڀ وَتِي عورت کي تڪي رهيو هو..

[47]

## جُهڙالي موسم

اڪثر هٿن ۾ ماچيس، هڪ اميد اکين ۾ ترندڙ ديوانہ وار چاڪ گريبان دلاور علي ، پيچرن جي پاڙن ۾ پيل ڪچري کي ساڙيندو وتي ٿو..

طنزيہ سوال اڪثر سندس سماعتن تي پون ٿا.

”او مجنون، صفائي کاتي ۾ ملازم بہ ناهين... خوامخواه ڇو پيو ماحول کي دونهَن سان گدلو ڪرين؟“

ويچارگيءَ مان مرڪي پُڻ پُڻ ڪندي، جڻ پاڻ کي ئي مخاطب ٿي ورندي ڏئي ٿو يا شايد ڪنهن جا چيل لفظ ورجائي ٿو..

”دلاور.. هي ڏس دونهون! آسمان ۾ وجي ڪڪر ٿا بڻجنئي..الاءِ، ڇو سدائين جهڙالي موسم ئي تو ڏانهن ڇڪي ايندي آهي مون کي..“

[48]

## پريل ٽرماس ۽ اُڃ

پاٽيءَ جو ٽرماس ساڻ ڪري بس ۾ چڙهيس، پر ۾ ويٺل اڃايل همراه پاٽيءَ جي گهر ڪئي، خودغرضيءَ وراڻيس، ”پائُو خالي آهي.“

۽ پريل ٽرماس هوندي بہ سڄي واٽ بئي اڃايل رهياسين..!

[49]

## فيصلو

سيٺ رمون ۾ سندس پٽ وڏي عاليشان گاڏيءَ ۾ چڙهي ڳوٺ جي هڪ مسڪين گهورڙيي جي گهر پهتا. اڏڙوٺ عمر پٽ جي چپن وٽان وهندڙ گگ اُگهندي سيٺ ڳالهه چوري، ”بچايا.. هي نئين ڪار ۾ شهر ۾ هڪڙو پلو بنگلو ببلوءَ جي نالي ڪرايو اٿم ۽ هاڻ صلاح ملي اٿم ته شادي ڪرايوس ته نيڪ ٿئي.. ۽ ٻڌ.. هي ڪجهه ڏوڪڙ آندا اٿم، گهر کي ڏسڻ جهڙو ڪرائي وٺ..“

لاچاريءَ مان سيٺ جون ڳالهيون ٻڌندڙ ضرورتن جي درياء ۾ گهوتا ڪائيندڙ چئن نياڻين جي پيءُ بچائي، ڪمري جي دريءَ مان پريل اکين سان ڪيس تڪيندڙ سندس سورهن ورهين جي خوبصورت ڌيءَ کان نظرون بچائي، ڏوڪڙ هٿن ۾ جهلي ورتا.

[50]

## صلاح

”بابا، اڄ به ڪاپي نه پهتي؟“

”خير آ پٽ، جيئن تيئن هي پيپر ڪڍ. ميٽرڪ جي ٽيوشن ڪٽي ٻئي ماستر وٽ ونجان، جيڪو اُونَ ڪري ڪاپي پهچائي...“

[51]

## احتجاج

پريس ڪلب وٽ، روڊ جي هڪ پاسي، وارث بي ڏوهه جو لاش رکي انصاف ملڻ لاءِ احتجاج ڪري رهيا هئا.

روڊ جي ٻئي پاسي سُٺ جيان منڊل گاڏين ۾ رڙيون ڪندڙ ايمبولنس، جنهن ۾ حياتيءَ سان جنگ وڙهندڙ چاچو بهادر نيٺ مات کائي ويو.

ٻئي ڏينهن، ساڳئي ئي پريس ڪلب وٽ، بي ڏوهه چاچي بهادر جو لاش احتجاج لاءِ رکيل هو.

[52]

## خيرات

وڏي احتياط سان سئو رپين جو نوٽُ، هڪ فقير جي هٿ ڏانهن وڌايائين... ۽ اڳتي هلي پنهنجو هٿ رومال سان صاف ڪندو، منهنجي پرسان لنگهي ويو.

[53]

## بهانا

واپار ۾ برداشت کان وڌيڪ نقصان ٿيڻ کان پوءِ اوچتو اڪيلو ٿي ويل چاچو جڙيو اميد جو سندرو ٻڌي ڪجهه ناراض عزيزن وٽ سندن غلط فهميون ختم ڪرڻ لاءِ هلي ويو. اڪيلائي ڪيس ڪائڻ پئي آئي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن وٽان به ڪيس رُخ نه پئي مليو.

اتي پهچڻ سان ئي سندس اميد جو پتڪو ڏوڙ ٿي ويو. ناراض عزيزن پاران اهو محسوس ڪرايو ويس ته، اهي سڀ تو ڪُتل مان جان ڇڏائڻ جا بهانا هئا.

[54]

## زمانو ظهير آهي

خالد جي بينڪ ۾ ويٺا هئاسين، اوچتو گهران زناني آواز ۾ سڏ ٿيس، ”آيو امي.“ چئي، ٽپ ڏئي تڪڙو وڃئين در مان گهر هليو ويو. ڪجهه گهڙيون پهرين مرداني آواز ۾ چار پيرا سڏ ٿيو هئس، پر ٻڌو اڻ ٻڌو پئي ڪيائين.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جمن اسٽامپ وينڊر وٽ وڃڻ ٿيو جنهن ٻڌايو ته ’پاڻ واري يار خالد جي پيءُ سڄي ملڪيت پنهنجي زال جي نالي ڪرائي ڇڏي آهي...‘

[55]

## ڏينهن رات برابر

ماسي نوران، گهر آيل پنهنجي پاڙيسري عورت ماسي ڪريمان کي چڙهن سان پنهنجي گهران ڪيڊندي چيو ”جمال منهنجو پٽ آهي، ڪو نڌڙڪو ۽ يتيم ڪونهين جو تنهنجي ڪاٽي ڏيءُ مَڪان سان شادي ڪندو. منهنجي اڪيلي صدوري پٽ کي اوهان انسايت جا درس ڏئي پڙڪائڻ چڏي ڏيو.“

ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ ماسي نوران، ماسي ڪريمان ڏي هلي وئي ۽ لجي ٿي چوڻ لڳي، ”ائي ادي، منهنجي پٽ جمال کي پنهنجو ڪنديئن؟؟“

ماسي ڪريمان هڪ دم وراٽيو ”نہ ادي نہ.. منهنجي ڌيءَ کي هڪ اک بہ آهي تہ سهي..! جمال لاءِ تہ ايڪسيڊنٽ ڪان پوءِ ڏينهن رات برابر ٿي ويا آهن.“

[56]

## آسرو

”يرِ، هاڻ ڳڻتي چا جي؟؟ تو ئي تہ چيو موٽر سائيڪل کي تالو لڳل ڪونهي، قدرت واري جي آسري بيهاري ٿا هلون.“

”ها.. يار.. پر.. پهرين جنهن وٽ بائيڪ بيهاريندا آهيون، ان جو دڪان اڄ ڪليل هجي ها تہ بي اونائي هجي ها..“

[57]

## خير ٿيو

گهر ۾ ڪم ڪندڙ ماسي موڪل تي ويل هئي. مهيني کن کان پوءِ واپس ڪم تي آئي ته گهر ۾ سانئڻ جي ڪڇ ۾ ٻار ڪي ڏسندي ئي هڪدم پڇيائين، ”باجي..!! هيءُ ٻار . . ؟؟“

بيگم سندس سوال کي اڌ ۾ ڪٽيندي هڪدم وراڻيو ”منهنجي ڳوٺ واري پڦاٽ جو آهي... ڪيس خير سان گنج اولاد آهي.. هيءُ مون ڪائنس ورتو آهي... نياڻي آهي خير جي... ائي... ماسي تون ته ٻڌاءِ، تنهنجي ڊليوري خير سان ٿي؟؟ ڏيءَ هيئي نه؟؟ ڪيئن آهي اها ٻلا؟؟ ٿانڪا ڇُٽي ويئي؟؟ تو ته چيو هو ته تنهنجو مڙس هن اولاد کي ڪونه قبوليندو... خير ٿيو..؟“

بيگم جا سوال شايد ماسيءَ جي ڪنن تائين نه پئي پهتا... ماسي خاموشيءَ سان ٻار کي تڪڻ ۾ ۽ مالڪ جو شڪر ادا ڪرڻ ۾ مصروف هئي.

[58]

## آڏرياءُ

حج ڪري گهر پهتل حاجي صاحب سان سڀ گهرياتي خوشيءَ سان پاڪرين پئي مليا، سواءِ اڇو مٿو ٿيل سندس ڪنواري نياڻيءَ جي...

[59]

## ستن پُٽن ماءُ

ڇيٽَ جو وڳو پهريل.. هٿ ۾ لٺ، ڪُبو وجود، هڪ اک تي ڪپهه ٽيپ سان لڳل، مٿان ڪارو چشمو پهريل پوڙهي، رش هوندي بس ۾ چڙهڻ جي ڪوشش ۾ هئي..

ڪنڊيڪٽر هڪل ڪئي، ”هل پوڙهي.. سگهي چڙهه..“

”ابا اک جي آپريشڻ ڪرائي اٿم، گهڙي ساعت جهل لاريءَ کي ته ڪرِي نه پوان..“

”اڙي امان.. هڪڙو پير قبر ۾ ٻيو زمين تي، هاڻ ڪهڙو ويهي سئيءَ ۾ سڳو وجهنديئن.“

پوڙهيءَ دڙڪو ڏيندي چيس، ”حجت نه ڪر، ستن پٽن ماءُ آهيان..“

ڪنڊيڪٽر کلندي چيس، ”امان..؟؟!! پيلا ٻڌ ..ست پٽ اٿئي ڪٿي؟؟“

پوڙهي ماضيءَ مان جواب ڳولڻ وئي هلي، ايتري ۾ وري هڪل ٿي..

”چڱو پوڙهي... هٿ ڏي... ته مٿي چاڙهيئين..“.

[60]

## نصيب

ٻه هُن بدنصيبَ، پنهنجي جيجل ماءُ جي اوبر هاري ڇڏي.

[61]

## سمجهه

”سائين، الله جو واسطو اٿوَ منهنجي زندگي تباهه ٿي ويندي، عمر پئي وڃي.. ٻچا زندگي جي بنيادي آسائشن کان بہ وانجهيل آهن.“

هٿين پيرين پوندَي، صاحب کي مسجد مان ايندڙ آذان جي سڏ جو واسطو ڏيندي عرض رکيم...نيٺ وڃي صاحب ڪم ڪرڻ لاءِ ’ها‘ جو دلاسو ڏنو..

هڪدم نماز لاءِ مسجد جو رخ ڪيم..

مسجد جي در تي ويٺل فقير 10 رپين جو سوال ڪندي پنهنجو هٿ منهنجن پيرن تائين آندو... ڪيس شريعت سمجهائيندي چيم، ”مون کان ڇو ٿو گهرين..!! اندر وڃي هُن کان گُهر نہ..!“

[62]

## افواهه

نازڻ کي پنهنجي نياڻيءَ جي مڱڻي ٽُٽڻ جو ايترو ڏک نہ هو جيترو نياڻيءَ جي باري ۾ گهوٽيتن پاران هلايل ڳالهين تي هو.

اصل ڳالهه دفن ڪئي وئي هئي تہ ڏاج جي گُهر، نازڻ کي لاچار ڪري ڇڏيو هو.

در اصل گهوٽيتن پاران هيءَ پنجين مڱڻي ٽوڙي وئي هئي، ۽ سندن ڇوڪرو تنهن هوندي بہ ڳالهين ٻُڌڻ کان بچيل ۽ پاڪ پَوِتر هو..

[63]

## ڊپ

”آئون تہ توکان ڪمزور آهيان، سگهہ ۾ بہ، عقل ۾ بہ، عهدي ۾ بہ، تون تہ مون کان زندگيءَ جي هر ڏاڪي تي اڳتي آهين، پوءِ ڇو بار بار تون ايئن چئي مون کي ڳڻتي ۾ ٿو وجهين تہ، ’آئون توکان ڊڄان ٿو.‘ ڇا آئون توکي بدصورت ٿي لڳان؟؟ ڇا منهنجي منڙي پيار واري لهجي ۾ توکي ڪڙاڻ ٿي لڳي؟؟“

سندس نرڙ تي هڪ سڪون ڏيندڙ مٺي ڏيندي جواباً وراڻيم ..

”بس هن نرڙ تي ڪٿي گهنج نہ اچي وڃي.. اهو ڊپ اٿم.“

[64]

## آڱوٺو ۽ نوڪري

سرڪاري نوڪري ڪندڙيار پنهونءَ فرمايو..

”جڏهن کان اها مُئي مشين لڳي آهي، تڏهن کان روز ٿو وڃڻو پوي.. پهرين نوڪريءَ کان آڱوٺو هو ۽ هيئنر آڱوٺي تي نوڪري آهي.“

## سمجهاڻيون

ڳوٺ ۾ هڪ کُليل ميدان آهي، جتي بيٺل پراڻن وڻن تي ڪجهه رحم ڪيو ويو آهي.. اتي مٽيءَ جي دڙي تي، لٺ جي سهاري ويٺل جهونڙي ڏراڙ تي پريان نظر پئي، جيڪو سامهون ويٺلن کي چڻ سمجهاڻيون ڏئي رهيو هجي... ويجهو وڃي ڪن ڏئي سندس درس ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيم.

”بابا اعجاز.. جذبات کي ڪٽي ڇڏ، ايئن گهر ڇڏي نه وڃ، ماڻهين جو ئي خيال ڪر... ٽڏائي رک طبعيت ۾.. چوندا ناهن، ٽڏو گهڙو پاڻهين پاڻ کي ڇانوَ ۾ رکي...۽ جاويد.. پٽ، ساهرا اصل گهر نه اٿئي، غيرت انسان جو اصل زيور آهي.. پنهنجا فيصلا پاڻ ڪر... اسلم.. تون ته سلجهيل آهين پٽ... تون ڇو ٿو بابي امڙ کي اڪيلو ڪري وڃي شهر ويهين؟“

ڇا ته درد هو جهوني جي ڳالهين ۾...

ان ڪان به وڌيڪ ڏک مون کي ٻيو لڳو هو جڏهن پڇيومانس؛ ”چاچا هي ته اوهان جا پٽ ناهن.. هنن بي زبانن کي اوهان جي ڳالهين جو ڪهڙو احساس؟؟“

اوچنگارون ڏيندين وراڻيائين؛ ”هي به ته ننڍڙا ڪري نپايا اٿم، ڊپ ٿو ٿئيم.. هي به نه پٽن وانگر ڇڏي وڃن..“

[66]

## ٺرڪي ڪنهن جاءِ جا...

استاپ تي انتظار ۾ بيٺل ڪار جو دروازو کليو، هُوءَ بس مان لهي اندر ويٺي... ڪار واري ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي.

”ڏيو خبر سائين، خير سان پهچي وياٿو. ڪنهن سڃاتو ته ڪونه؟ گهر ڪهڙو رمل هنيئي..؟ آفيس جو؟ هاها..“

هُو ٻاهر نهاريندي، هن ڏانهن مُڙي ڏسي ٿو.

”ڏسو ته.. انهن بائيڪ وارن کي... ڪيئن ٽا اوهان کي ٻلي واريون اکيون وجهي تَڪِين... گهر ۾ پنهنجي ماءُ پيڻ نه اٿن ڇا..!! ٺرڪي ڪنهن جاءِ جا..“

[67]

## ٽيڪس

پريس ڪلب کان ڪجهه قدمن تي، واپاري قربانيءَ جا ڍور جهلي بيٺا هئا... ڳالهه پئي هلي ته خريد و فروخت تي ڳرو ٽيڪس آهي... واپس هلو...

پريان احتجاجن بيٺل غريب ماءُ به ٽيڪس جو ٻڌي، ڊپ کان، وڪري لاءِ کڻي آيل پنهنجا ٻار واپس گهر کڻي وئي..!

[68]

## ٻي شادي

پڙهيل لکيل بيروزگار ٿيل مڙس کي زال مجبورن چيو: ”يلا وجي ٻئين شادي ڪر...“

مڙس في الحال اهو سوچيندي واٽڙو ٿي ويو تہ پوري هڪڙيءَ جي نٿو ڪري سگهان، ٻي وري ڪٿان پاليندس..!

زال سوچ جو جواب ڏيندي چيس، ”ڏس، ڪا بيواهي، پر نوڪريءَ واري ڳولهجان.“

[69]

## تورَ

روڊ تان گذرندي پٽ پيءُ کان پڇيو: ”بابا هيءَ وڏي دروازي جي اڳيان شيشي ۾ ساهمي چو ٽنگيل آهي؟؟ چا تُرندو آهي ان ۾؟؟“

پيءُ سمجهائيندي وراڻيس، ”ٻچا ان جي ٻنهي پُڙن ۾ انصاف تُرندو آهي.“

[70]

## بندوبست

”ائي جيڪڏهن تنهنجي پيءُ وٽ ڏيج ڀوت جا پئسا ناهن ته پنهنجو پگهار جو اٿئي، ان مان گڏ ڪري پنهنجي شاديءَ جو بندوبست ڇو نه ٿي ڪرين..؟“

”ائي ادي، انهي پگهار جي ڪري ئي ته اج تائين ڪنواري آهيان.. گهر جو سڄو بندوبست ته منهنجي پگهار مان ٿو هلي..“

[71]

## پوليو

پر ۾ ويٺل همراهه جي ٻِلو ڌيءَ تي هٿ رکي پڇيم، ”ڏي خبر هي پوليو جي دوا اثر به ڪري ٿي يا نه؟“

ويچارگيءَ مان وراڻيائين، ”في الحال ته اسان پيارڙ وارن جو ٽنگون ڦري ويون آهن.“

[72]

## ٻٽي حڪمتِ عملي

آفيس ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ دروازي وٽ بيهي، ڪيسي مان نماز واري ٽوپي ڪڍي مٿي ۾ پاتائين ۽ تسبيح هٿ ۾ ڪري اندر گهڙي آفيسر کي وڏو عربيءَ ۾ سلام ڪيائين.. ۽ ٻئي ڏينهن هڪ ٻئي آفيس ۾ اندر گهڙڻ مهل ڪيسي مان منديون ۽ ڪنٺا ڪڍيءَ ۽ آڱرين ۾ پائي حق حق ڪري اندر گهڙي پيو.

ٻاهر نڪري ان ٻٽي حڪمت عمليءَ بابت پڇيومانس ته وراٽيائين، ”هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان ئي خوش ڪرڻو پوي، اڄ ڪلهه ڪاميابي ان ۾ اٿئي...“

[73]

## بريڪ

فوٽ پاٿ تي روڊ پار ڪرڻ لاءِ بيٺل ٻڍڙي عورت تيز رفتار گاڏين کي ڏسي مايوس هئي. اوچتو هڪ وڏي گاڏيءَ کي بريڪ لڳي، شڪر ڪندي، روڊ تي لٿي ته ڏٺائين، پرسان هڪ حَسِين نوجوان ڇوڪري به روڊ پار ڪري رهي هئي.

[74]

## مانيءَ وئي گهر

رمضان جي بهاني ماسي صفوران جي چلهہ تي ٻنپهرن جو تہ ماني نہ پڪي... پر شام ٿيندي ئي پتڪڙن چيڙن تي بک جي صدا اڀري.. صفوران ٻچن جو رخ مسجد ڏانهن ڪيو تہ من ڪي اهو بہ ٻن مانين جو اٽو بچي پوي. سانجهي ٻانگ تائين مسجد مان ايندڙ مانين جي خوشبوءِ سندن اڌ بک لاهي ڇڏي ..مغرب جي آذان اچي بس ٿي، پر هنن کي بہ گراهہ ڪي ڇڪي تاٽي نصيب ٿا. جماعتين جي وچڻ مهل ٿانوَ ميڙيندڙ همراهہ کي ٻار بک بک ڪري ڦري آيا... ٻارن جو اصرار ڏسندي، پاسي ۾ ٽوپي لاهيندڙ هڪ جماعتيءَ ٻارن کي طنزيہ چيو "بابا ماني وئي گهر... هلو هتان هاڻ شاباس..."

ٻار بہ ڊوڙندا گهر پهتا... "امان امان... مسجد وارن ماني موڪلي آهي... ڏي اسان کي هاڻ." جيجل پهرين تہ پريشان ٿي پر پوءِ لاچاريءَ مان وراڻيائين: "ٻچا اوهان ويهو آئون ماني پچائي ٿي ڏيانوَ... مسجد واري ماني پاڻ کان بہ وڏيڪ غريبن جي گهر وئي آهي."

[75]

## لاچاري

رات ٻَئي ٻنا ڪاڏي سمهي رهيا، هڪڙا فاقي تي ۽ ٻيا ٻنپهرن واري ڊِوَ تي...!

[76]

## بس جو ڀاڙو

شهر مان واپسيءَ مهل، ڪيسي ۾ بَس، بس جي ڀاڙي جيترا پئسا ئي بچيا هئا، صدا هڻندڙ فقير کي ڪجهه ڏيڻ ۾ ڏيپ بہ لڳو پئي.. پر ڏئي چڙهيم ۽ بس ۾ بنا ڀاڙي چڙهي پيس..

ڪنڊيڪٽر چڻ عزرائيل جيان پئي اڳيان آيو "سائين ڀاڙو..؟"

خالي ڪيسي ۾ فرضي طور هٿ وڌم تہ پوئين سيٽ تان ڪنهن ڪلهي تي هٿ رکيو "سائين پليز رکو، آئون ڏيان ٿو."

[77]

## فون ڪال

"هيلو جانُو!!..

ٻڌ ... ادا وارن جون لڳاتار ڪالون پيو اچن.. مون کي هتي اڪيلي ڏاڍو ڊپ پيو لڳي.. تون ڪٿي پهتو آهين..؟؟ ادا جن کي خبر پئجي وئي آهي الاءِ ڇا..!! پيڇو ڪندا هتي اسٽاپ تي نہ پهچي وڃن... جانُو...!!؟؟ هيلو..هيلو.. ؟؟"

ٽُون.. ٽُون.. ٽُون..

'آپ ڪا مطلوبہ نمبر اِس وقت بند هَي..'

'آپ ڪا مطلوبہ نمبر اِس وقت بند هَي.'

[78]

## ڪامينٽري

گرائونڊ ڪان وٺي گهر تائين، پنهنجن هٿ ۾ جهليل بيٽ سان لڳل چڪن تي فخر ڪندي، پنهنجي مُنهن ڪامينٽري ڪندو آيو "واٽ اَي شاٽ..!! تاڙيون..!!"

پگهر ۾ شل گهر پهتو "امان امان.. اڄ مون چار چڪا هنيا."

"چورا.. نياڻا، پٽاٽا ڪونہ وٺي آئين؟ پڙهين هاڻ ٽڪجي ڪم تان پهتو آهي، هاڻ اها تنهنجي بيٽ ماڻهين جي پٽن تي چڪا هڻندي، پوءِ ويٺو ڪجانءِ اها مُئي ڪامينٽري."

[79]

## قياس

اسٽاپ تان لوڪل بس ۾ هڪ جهونو شخص چڙهيو تہ دروازي وٽ سيٽ تي ويٺل هڪ نوجوان ڇوڪري قياس ڪائيندي پاڻ اٿي ان جهوني کي ويهڻ لاءِ چيو. جهوني نهايت ئي عاجزيءَ مان انڪار ڪندي وراڻيو "ابا.. واقعي هيءَ عمر ويهي ڪائڻ جي آهي.. پر بدنصيب پيءُ آهيان، پننداس تہ ڪائيندس."

[80]

## ضروري ڪم

سهڪندو اچي بنگلي جي دروازي تي پوتار تائين پهتو. هٿڙا ٻڌي عرض ڪيائين، ”سائين! رات تيز مينهن جي ڪري منهنجي گهر جي ڇت ڪِري پئي آهي، مهرباني ڪري ڪا مددڙي ڪريو ته ٻچن جي مٿان اَجهو ته اڏرايان، گرميءَ جي موسم آهي.“

”بابا مون زڪوات ڪڍي ڇڏي، رستي تان هٽ... في الحال آئون هڪ ضروري ڪم سان پيو وڃان. اڙي پلُو گاڏي اسٽارٽ ڪر ته هلون بئنڪ مان پئسا ڪيرائڻ، مسجد سڳوريءَ جو ڪم اڌ ۾ پيو آهي.“

[81]

## خرچ

”سائين، باقي ٻچن جي دوا جا پئسا بچيا آهن ڪيسي ۾“

”بابا، آفيس جو خرچ ته ڏيڻو پوندو نه“

خرچ ڏئي مجبور روانو ٿيو ۽ پٽيان ڪرسيءَ تي ويٺل جي فون وڳي، ”هيڏهان، ننڍڙي کي وري دورو پيو آهي، اسپتال پئي کڻي وڃانس، اوهان ب سگهو اتي پهچو.“

[82]

## ڏِکِين ها جي ڏولِيا ....

پاڙي مان مِليل پراڻو ڪپڙن جو وَڳو پائي گهَٽيءَ ۾ نِڪتل، ڪامِل ڪوجهو پنهنجي بُت تي ڏوتل اڌ پراڻو وَڳو ڏِسي، ڏَندن کي ٻاهر ڪَڍِي، خوش ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رَهيو هو.

پاسي واري گهر مان نِڪتل سيٺ نبن جُون اَحسان ٺِڦِيندَڙ اَکيُون ڪامل ڪوجهي جي ٽڙندڙ ڏَندَن کي واپسِيءَ جو رَستو ڏيکاري رهيُون هُيون.

[83]

## هاسٽل

”بابا آءُ ڀلي هاسٽل ۾ رهان؟“

پيءُ چرڪجي پيو ۽ پاڻمرادو وات مان نڪري ويس، ”نه امڙ... نه نه.“

[84]

## چاچا خرچي

”چاچا خرچي...“

گرا ڪپڙا اوڊيل ستن اٺن ورهين جي ٻارڙي هٿ جهليندي صدا هنئي...

ڏهين جو نوٽ ڪڍي ڏنومانس تہ ڪجهہ ئي سيڪنڊن ۾ ٻيو ڇوڪرو ظاهر ٿيو.. هُوبهو پهرئين ڇوڪر جهڙو...

موٽائيندي چيومانس، ”وڃ... سگهو وڃ.. وڃي ٻاڻهين ڪان اڏ وٺ“ مرڪي نهاريندي وراڻيائين، ”چاچا... اڄ ڪلهہ ڪير ڪنهن جو ڪونهي.“

[85]

## بابوءَ خبرَ

”بابا... توکي ڪهڙي خبر..!“

[86]

## شيئر

آفيس کان گهر ويندي رستي ۾ ڳِگَ واهيندڙ ڪُتي جي چڪ وايون بتال ڪري ڇڏيس...

هڪدم فون ملائيندي وِڦلڻ لڳو:

”ويڪسين ڪٽي بنگلي تي اچ، جلدي ڪر...“

فون مان حيرانيءَ واري ورندي آئي:

”سر چيڪ جو ڏنم ڪلهه، شيئر نه مليو ڇا اوهان کي؟؟!“

[87]

## برداشت

عيب ثواب ڪَدي پٽ جون چار مڱڻيون ٽوڙيندڙ ماءُ پيءُ پنهنجي ڏيءَ جي پهرئين مڱڻي ٽٽڻ جو صدمو برداشت نه ڪري سگهيا.

[88]

## وصيعت

”پٽ.. اجا بہ وقت اٿوَ.. هُو جملو ڪڏهن چئو.. جنهن ڪي ٻُڌڻ لاءِ هڪ پيءَ جا ڪَنَ سِڪندا آهن تہ مون پيءَ جو بہ ڪو هِينئڙو نَري.. جيڪو جملو منهنجي مرڻ کان پوءِ پيا سڀِن ڪي چوندئو..

”ها يار بابا هر وقت صحيح چوندو هو...“

[89]

## ڏيج

”هيڏهان هڪ دفعو ڪٽي ڪولي ڏسڻ ڏي، ڏسان تہ سهي اها پچائڻ واري مشين ڪهڙي تي ٺئي..!“

”نہ نہ.. ڇڏ.. ڪُليل شئي ڏيج ۾ ڪانہ ڏبي.“

[90]

## سِڪيا

فرش تي غور ڪيم تہ چار پنج ماڪوڙيون ولر سان گڏ هڪ مئل ماڪوڙيءَ کي پُٺن تي کڻنديون سرنديون پئي ويون.

هڪ اسپتال کان گهر ريڙهي تي ٻچي جو لاش کڻي ويندڙ پيءُ اچي ياد پيم. الاءِ ڇو هاڻي ڄيڏو انسان ماڪوڙين کان نٿو سِکي.

[91]

## ويچار

”هِنن ٻہ اڄ تنهنجي رشتي جو جواب ڏئي ڇڏيو ڏيءَ..! هاڻ اسان تي نہ ڏانهنجانءِ، پنهنجي مرضيءَ تي اها زندگي چونڊي هيئي. پيٺهين ڏس پنهنجي گهر. گهرداريءَ واري زندگيءَ ۾ خوش آهي نہ...“

ماءُ جون ڳالهيون ٻڌندي، خانگي نوڪري ڪندڙ وڏي ڏيءَ موبائل جي شيشي ۾ پنهنجا ٻہ چار اڇا وار ڏسي، پشيمانيءَ مان ماءُ ڏي نهاري ڪجهہ ويچاريو. ’پروجيڪٽ ۾ ٻہ ڪالهہ ٻہ نيون جوان ڇوڪريون ڀرتي ٿي آيون آهن.‘

[92]

## مُونجهه

”يار خيرل، پاڻ وارو گهوٽ شاديءَ کان فورن بعد مائٽن کان ڌار رهڻ باوجود بہ مُنجهيو پيو آهي ... خير تہ آهي...؟؟“

”ادا پيرل.. مون سان ان ڏينهن پنهنجا سُور سليا هئائين، چيائين پئي، امان ٻن ڏينهن جو چئي اچي پورو هفتو رهي پئي آهي.“

[93]

## ڏچو

ماني کائي استيج تي وينل گهوٽ کي مبارڪ ڏيڻ ويو، پاڪر پائي، کيسي ۾ لفافو وجهندي ڪَنَ ۾ چوڻ لڳس:

”پائو.. شادي آخري تاريخن ۾ ڪري ڏچي ۾ وجهي ڇڏيئي، لفافو پهرين تاريخ کولجانءِ، چيڪ اٿئي.“

[94]

## ٻہ وقلندڙراتيون

**[سومر رات]**

”سچ پچ تہ مان هڪ قيدڻ آهيان، جيڪا هڪ گهر ۾ قيد آهي ۽ ڪائنس جبري پورهيو ٿو ورتو وڃي. ٿانوَ ٻهاري، ٻار، سس، سهرو، نڻان، مهمان، رات ڏينهن پورهئي ۾ ٿو گذري. ها ڏوهہ آهي شادي، هڪ اهڙو جرم جنهن ڪان پوءِ عورت کي سڄي ڄمار عمر قيد جي سزا ٿي ٻڌائي وڃي... عام قيد ۾ ٻہ تہ ماني گرهہ ملي ٿو. ڪپڙو لٽو، رات ۾ تہ پلا سڪون جي ننڊ آهي.. نہ مڙس نہ سندس گلوگيري ڪرڻ جي نوبت.. هاهاهاها... ! عزت..؟؟ تقدس؟؟ ڳالهہ مڙئي ساڳي آهي... عورت عزت وٺڻ لاءِ ٿورئي ڄائي آهي. عزت وڃائڻ لاء ڄائي آهي..“

**[اربع رات]**

”سانچي ۾ قيد زندگي ٻہ ڪا زندگي ٿئبي..! صبح ڪان شام تائين روزگار جي پٺيان ڏڪا ٿاپا، جُهڙيءَ ڦُڙيءَ ڪمائي اڇٽو آهي. نہ تہ چوندي، ’هيءَ شئي هُوءَ شئي آڻي ڏي. پئسا نہ ٿِي تہ آئون ڇا ڪريان؟‘ هر شئي حاضر پوءِ ٻہ نخرا، جيڪي منهنجي پنهنجي وزن ڪان ٻہ ڳرا ٿا لڳن. رات گهر جي چوديواريءَ ۾، موڪل جي ڏينهن گهر جي فردن ڪمن ۾ مگن. نہ دوست نہ يار... نہ گهمڻ نہ ڦرڻ... تون گهر ۾ قيد آهين تہ آئون خفي ۾ قيد آهيان...“

بس انهن راتين ڪان پوءِ هاڻ هر رات خاموش آهي. سڪون جي ننڊ آهي. هاڻ ڪير ٻہ نٿو وِڦلي.

[95]

## مڇ ڪچهري

(چار منظر)

ڪردار

رسولو (مک، وڏڪ)

ڪرڙ (ماستر)

وسو (هاري)

منظر پهريون:

سنجها جو وقت، مڇ ڪچهريءَ دوران، رسولي سامهون ويٺل ماستر ڪرڙ کي چيو "ها سائين ڪرڙ ڪريو خبر چار..."

ڪرڙ "سائين تعليم بابت ڏاڍي ڳڻتي اٿم. ڪلاسن ۾ رکيل ڪٺڪ کي سُرو پيو لڳي ۽ ٻاهر سيءَ ۾ پڙهندڙ ٻارن ۽ اسان ماسترن کي اصل سُرو چنبڙيو وڃي، پڙهائي ڏاڍي متاثر آهي."

ايتري ۾ ڪچهريءَ ۾ موجود هاري وسوءَ ڳالهايو. "سائين ڪرڙ اڄڪلهه سُري جي لاءِ نئون پائوڊر مارڪيٽ ۾ آيو آهي، ڪمدار کي ڪٺي انهيءَ جو ڏس ڏجي ته جيئن وڏيري جي ڪٺڪ به بچي پوي ۽ اوهين به سُک سان پڙهائي سگهو."

ڪردار

رسولو (مک، وڏک)

ابن (اهل علم)

جمال (شاگرد)

منظر پهريون:

مچ ڪچهري لاءِ سڀ ويٺل..

جمال سان مخاطب ٿيندي رسولي چيو ”ابا تون ڏي خبر.. تنهنجو نوڪريءَ لاءِ ڪو ڪُر پيرُ لڳو يا..؟؟ ۽ هن نوڪريءَ واري امتحان ۾ پاس ٿئين پيلا؟“

جمال واڇ کي ڦيرائيندي وراڻيو ”سائين نوڪري تہ پري جي ڳالھہ، اسان غريبن کي پاس بہ ڪٿي ٿا ڪن..!“

ايتري ۾ ابن ڳالهايو ”جمال بابا، انٽر ڪيل اٿئي نہ؟ پيلا انٽر ۾ ڪهڙا سبجيڪٽ آهن؟؟“

جمال ڳيتون ڏيندي بڙ بڙ ڪندي چيو ”نوڪري ۾ اهو ٿوري ٿا پڇن، بس پئسا ڦينڪ تماشا ديک..!“

ڪردار

رسولو (مڪ، وڏڪ)

ابن (اهل علم)

منظر ٽيون:

مچ ڪچهري، سنجها جو وقت، معمول مطابق سڀ گڏ ٿيل، رسولو الاءِ ڪهڙي ڳڻتيءَ ۾ ٻڏي رهيو هو. پنهنجي منهن وِڦلندي نيٺ ڪجھ لفظ ڏاڍيان ڳالهايائين ۽ ويٺلن سان مخاطب ٿيو "ڏاج جي ڏچي هٽي نياڻين جون زندگيون تباھ ڪري ڇڏيون آهن. سمجهن ٿا تہ رسولي وٽ آهن لڪ، سو سيئي پنهنجي اڪيلي ڌيءَ کي چوڙي ڏيندو. ويٺي هجي ڇوري پوءِ جيڪو هوندس نصيب..! اجا پٽ جي شاديءَ ۾ ٿيل خرچ جو ئي خال ڪونہ پُريو آهي."

رسولي ۾ اڪيون ڪپائي ويٺل ابن، سندس ڳالهين کي ڪجھ گهڙو ئي غور سان ٻڌي رهيو هو. نيٺ چئي وڌائين، "سائين رسولا، سيٺ گودو ويچارو اجا تائين قرض ڪان آجو نہ ٿيو آهي... چوي ٿو تہ پهرين بہ دڪان گروي رکي نياڻيءَ جو بار لاٿو اٿم... هاڻ آئون پنهنجي ٻي بہ نياڻي اوهان جي ٻئي پٽ کي ڪونہ ڏئي سگهندس."

ابن جا لفظ رسولي کي مُڏي تلوار جا ڌڪ ٿي لڳا. رسولو پنهنجي منهن کي لوئي ۾ لڪائڻ ۾ لڳي ويو ۽ ڪچهريءَ تي سڪتو طاري ٿي ويو.

ڪردار

رسولو (مک، وڏڪ)

ابن (اهل علم)

ڪرڙ (ماستر)

وسو (پورهيت)

منظر چوٿون:

اڄ مڇ ڪچهري نہ پر ماحول ۾ مڇ ٻريل هو. ڪنڌ جهڪائي اچي ويٺل ابن، وهندڙ لڙڪن سان پنهنجي انگوڇي کي پُسائي رهيو هو.. ابن لاءِ روئڻ جو نہ پر جذباتي ٿي آسمان مٿي تي کڻڻ جو مقام هو. پر ڪتاب کوڙ چٽيا هئائين. خوب خبر هئس تہ قرض مرض آهي، ماري پوءِ ڇڏيندو آهي.

بهرحال سامهون ويٺل رسولي کي سبب جي خبر هئي. ان لاءِ دلاسو ڏيڻ گوارا نہ پئي سمجهيائين... هُونءَ بہ پڇتاءَ جي ڳوڙهن کي وهڻ ڏجي تہ ڀلو..

ايتري ۾ ابن جي موبائل تي ماستر ڪرڙ جي فون ڪال آئي، موبائل ڪن تي رکي ڏيمي آواز ۾ ڳالهڻ لڳو. ”ڏسو، سمجهايوس تہ جنهن عزت سان نڪتي آهي. ان ئي عزت سان موٽي اچي. مون بخش ڪيو مانس.. چئوس تہ خدارا ماڻس واري ساڳي غلطي پاڻ نہ ورجائي.“

## نثري ٽڪرا

### حمالي :

ڏهه ڪلو جي وجود تي پندرنهن ڪلو جي ڪتابي ٻوري ڪڻي اسڪول ويندڙ معصوم ٻار کي ان حماليءَ جي پوري مزدوري به ڪانه ٿي ملي.

### سڪون :

ٻُنو ٽيل خوشنصيب وار، جڏهن مقدس هٿڙن سان تيل ۾ ترن ٿا...ڪاش ..!! اِنهن سڪون وارن لمحن کي قيد ڪري قيامت تائين سڪون اندوز ٿيندو رهجي.

### پرينءَ جو شهر :

پرينءَ جي شهر مان ان اميد تي واپس موٽي آيس، ته ساڳي ئي فضا ۾ هن جا ڇڏيل ڪجهه ته ساهه مون به کنيا هوندا.

### سوچ :

اسان جي سوچ به ڪمال آهي!! صبح جو سوير موٽي گهر ايندڙ عورت تي شڪ جي نظر... ۽ صبح جو سوير گهران نڪرندڙ عورت تي فخريه نظر...

## بي حسي :

فقير اڳيان نوٽن جي اٿل پٿل ڪري، ”پئسا ڪُلا ناهن.“ چئي ڪيس موٽائڻ ايئن آهي، جيئن ڪنهن بڪايل ڪي پير ۾ ويهاري، ان جي اڳيان خوشبودار ڪاڏو ڪائجي..!

## محرومي

رُشوت خور، پهرين تاريخ واري خوشيءَ کان محروم هوندو آهي.

## بدنصيب :

بد نصيب آهي اهو شخص!!..

جنهن وٽ ڪليو اڳڻ هجي ۽ ٽڏڙين هوائن هوندي، پاڻ اي سيءَ ۾ پيو هجي.

## اڙي او ڇٽ :

اڙي او ڇٽ...!!

سنگل روڊ آهي، گاڏيءَ جون Head Lights لَو Low تي رک..

ڇو ٿو سامهون ايندڙ جون پٽون ڪائين.

## پيارا مزدورؤ!...

اڄ موڪل تہ اسان، مهيني تي بنا پورهئي جي پگهار کڻڻ وارن جي آهي، اوهان وچي ڪمائيندئو تہ ڪائيندئو..!

## بنا عنوان جي ....

▪ اليڪشن جي ڏينهن ۾ اميدوار،
۽ شاديءَ جي ڏينهن ۾ گهوٽ،
ضرورت کان وڌيڪ،
ماڻهن کي، کِلي کِيڪاريندا آهن.

▪ عزرائيل جي اچڻ جي نوٽيفڪيشن ڪانه ايندي..

▪ ها.. خبر اٿم ته هُوءَ مون کي چاهي ٿي،
سندس نيڻ ٿي ته منهنجا مُخبر ٿيا هئا ..

▪ پڇيائين:
”ڪيئن ٿي لڳان توکي؟“
وراڻيم:
”مينهن پوڻ کان پوءِ ساوڪ جهڙي.“

▪ تنهنجو ٻُڌڻ به جڻ اکين سان هو.
منهنجي پڙڪ تي نهارڻ تنهنجو.

■ پڇيائين:
”ٻاهر برسات وسي پئي؟“
وراڻيم:
”اوهان جي نڪرڻ جو انتظار اٿس.“

■ تنهنجي مٿي تي رکيل پوتيءَ جي ڇانوَ تنهنجي لڄ کي،
تاپشي بدنظرن جي ڪرڻن کان روڪي ٿي.

■ هٿ ڏکن ٿا ڪجهه ٻيو لکڻ ۾،
سردخانو ٿو لڳي انباڪس تنهنجو

■ سهڻي آ برسات مگر،
مرڪ تنهنجيءَ جو ڪهڙو مٽُ

■ دل ڏرتيءَ تي گهُٽ آ ڪلهه کان،
برسات ٿيندي اڪين مان شايد..

■ او سانوڻي! او سانوِري!
پنهنجي نالي تي نه وڄ..!
ويجهو وسين ٿي،
مون وٽان ڇو ٿي لڙين..!

■ بس....! مون کي،
تنهنجي اُها،
خوشي وٽندي آهي،
جيڪا مون کي،
بيوَقوف ڪرڻ ڪان پوءِ، تنهنجي چهري تي،
نمودار ٿيندي آهي

■ اهڙي ڪا ڏُوڙ وسي،
جا اندر به اڇو ڪري.

■ ڊاڪٽرَ ويچارا به قيامت جي ڏينهن سُورن ۾ هوندا ..
هر ٻيو ماڻهو ٿو چوي:
”ادا، ڊاڪٽر منع ڪيو آهي، ان لاءِ روزو ڪونه رکيو اٿم.“

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


ننڍڙا تنقيدي افسانا ته پنهنجي جاءِ تي اهم آهن ئي آهن پر هن ننڍڙي يار
کي اڃا به اهم بڻائي ٿي ڇڏي.. اُها آهي Sense of Music.. ڪافين ۽ غزل اهڙي
محبت سان ڳائي ٿو.. جو همراهه پاڻ ناهيون هجن.. گونجدار آواز ان کان علاوه هن
جي خاص خوبي آهي.
اسين جهونا ان کان گهڻي ڇا ڇا لکي سگهون. ته الله رب العزت هن ننڍڙي
فنڪار کي اڃا به وڌيڪ خوبين ۽ عزت سان نوازي. آمين!
آخوند عبدالقيوم 'زخمي'
[هي پيراگراف آخوند محمد عباس جي قبلا نانا سائين،
جناب آخوند عبدالقيوم 'زخمي' جي تحرير آهي]
ISBN 978-969-7954-07-0
Amarta
Flash Fiction
9 789697 954070
Irfan Memon